منهنجو قرآن تي عمل:
پورو يا اڌورو؟

جامع مسجد رباني، هاءِ وي ڪالوني،
اسڪيم-33، نزد جمالي پُل، ڪراچي ايسٽ
فون: 0313-2707097

حکمتِ قرآن اِنسٹیٹیوٹ

حق ۽ واسطا کليل

ڪتاب جو نالو: منهنجو قرآن تي عمل: پورو يا اڌورو؟

پهريون ڇاپو: 2020ع
ڪمپوزنگ: عبدالله جروار
ڇپيندڙ: ذڪي سنز پرنٽرس، ڪراچي
ڇپائيندڙ: حڪمتِ قرآن انسٽيٽيوٽ، ڪراچي
قيمت: **30**/= رپيا

دعوتي سلسلي جا ڪتابڙا

(1) الله رحمان ۽ رحيم آهي (2) دعوت الي الله (3) منهنجو قرآن تي عمل پورو يا اڌورو؟ (4) هڪ مسلمان جي لاءِ محبت ۽ دوستيءَ جو معيار (5) مسلمان جي حيثيت ۽ منهنجي ذميواري (6) ڪير آهي جو الله کي قرض ڏئي؟ (7) قرآن سمجهي پڙهڻ لازم آهي (8) الله تي ايمان جون عملي صورتون

هي ڪتابڙا ڇپائڻ جي اجازت آهي. سرنديءَ وارن ماڻهن يا مسجد انتظاميه جي پاران نمازين ۾ پاڙيوارن ۾ تقسيم ڪرڻ سان دعوت جي وڏي ديني سرگرمي سرانجام ڏئي سگهبي. ان مقصد جي لاءِ ڪنهن به موضوع جا هڪ سؤ ڪتابڙا هڪ هزار رپين ۾ هيٺين هنڌن تان ملي سگهندا.

اسٽاڪسٽ

- سنڌيڪا اڪيڊمي B-24، نيشنل آٽو پلازه مارسٽن روڊ ڪراچي74400. فون: 021-32737290
- سنڌيڪا بوڪ شاپ: شاپ نمبر5، ميزنائين فلور، حيدرآباد ٽريڊ سينٽر، حيدر چوڪ، 03133692150
- سنڌيڪا بوڪ شاپ، 19 بلديه پلازه گھنٽا گھر چوڪ سکر فون: -03352233803 03013431537
- سنڌيڪا بوڪ شاپ، جي پي او روڊ پوسٽ آفيس پنيان لاڙڪاڻو فون: 03313480039

رابطي لاءِ
حڪمتِ قرآن انسٽيٽيوٽ

جامع مسجد رباني، هاءِ وي ڪالوني،
اسڪيم-33، نزد جمالي پُل، ڪراچي ايسٽ
فون: 0313-2707097

فهرست

منڍ..4
ڄاڻ سڃاڻ...5
پهرين آيت...6
ٻي آيت...8
اسلام ۽ ايمان جو فرق.................................10
اڄ دين تي عمل جا سبب: هڪ جائزو...............15
سوچڻ جي ڳالهه...17
اسلام ۾ پورو داخل ٿيڻ جون گهرجون ڇا آهن؟...17
ٽئين آيت...19
چوٿين آيت...20
تَـتُ...23
اسلام: قرآني آيتن جي روشنيءَ ۾....................23
دين، اسلام ۽ ڪامل ايمان جي حوالي سان چوند حديثون...25
جائزو...30
انڪار يا بي عمليءَ جا سبب..........................31
پوري اسلام تي عمل ڪرڻ لاءِ مسنون دعائون....32

مُنڍ

قرآن ڪريم کي اسان ”هدايت واري وات“ سڏيون ٿا، يعني هدايت ماڻڻ واري وات. بيشڪ، هي اهو ڪتاب آهي جيڪو اسان جي رهنمائيءَ لاءِ موڪليو ويو آهي. جيڪڏهن اسان جي زندگي الله جي موڪليل هدايت پٽاندر هوندي ته اسان سڌيءَ وات تي هلندا رهنداسين. دنياوي ڀلائي ۾ ترقيءَ جي ڳالهه هجي يا آخرت ۾ ڇوٽڪاري جي ڳالهه، ٻنهي کي رڳو قرآن ڪريم جي وسيلي ئي حاصل ڪري سگهجي ٿو. ڇو ڇو هي (قرآن) الله تعالى جي انهن حڪمن سان سينگاريل آهي، جنهن تي عمل ڪرڻ سان ئي اسان ٻنهي جهانن جي ڪاميابيءَ جي ويجهو ٿي سگهون ٿا، پر افسوس! جو اڄ اسان جي زندگين ۾ سڀ ڪجهه آهي، پر قرآن نه آهي. اسان رڳو پنج وقتي نمازن کي ئي سمورو دين سمجهي ويٺا آهيون، جنهن تي شيطان حيلا هلائي اسان جون پُنيون ٽپي، مطمئن ٿي ويٺو آهي ته مان مسلمانن کي اصل هدايت جي ڪتاب کان غافل رکڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو آهيان.

ان جو سڀ کان اهم ۾ ڪارائتو حيلو هي آهي ته هن اسان جي ذهن ۾ هيءَ ڳالهه ويهاري ڇڏي آهي ته ”قرآن پاڪ جي سمورن حڪمن تي پوري طرح عمل ڪرڻ اسان جهڙن هيٺن انسانن جي لاءِ اڻ ٿيڻي ڳالهه آهي. چوڏهن سؤ سال اڳ جيئن ته حالتون اڄ کان مختلف هيون، سو ان وقت ماڻهو آسانيءَ سان قرآن تي عمل ڪري وٺندا هئا، پر اڄ حالتون ڪجهه ٻيون آهن، ان ڪري ان تي عمل نٿو ٿي سگهي!“ اڄ جو مسلمان، جنهن جي مٿان ٻيون به ڪيتريون ئي ذميواريون آهن، سو دين تي پوريءَ طرح عمل ڪيئن ڪري سگهي ٿو؟ ۾ اسان وري ان جي مڪر ۾ نڳيءَ جو شڪار ٿي، پنهنجو پاڻ کي ڪمزور ۾ مجبور سمجهندي، ان جي ها ۾ ها ملائي پنهنجي دين ۾ قرآن کان پري ٿيندا پيا وڃون.

هن ڪتابڙي ۾ اسان انهيءَ نڪتي کي قرآن ۾ حديث جي روشنيءَ ۾ چِٽو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته دين تي اڌورو عمل اسان جي ڇوٽڪاري لاءِ ڪافي نه آهي.

ڇا اسان جو پالڻهار، جيڪو اسان جو خلقڻهار آهي ۾ اسان سان ستر مائرن کان به وڌيڪ پيار ڪرڻ وارو آهي، اسان کي ڪو اهڙو حڪم ڏئي سگهي ٿو جنهن تي عمل اسان جي وس ۾ نه هجي؟ ڇا هو اسان جي وس کان وڌيڪ اسان کان ڪا گهُر ڪري ٿو؟ بلڪل نه! اسان جي پالڻهار ته صاف ٻڌائي ڇڏيو آهي:

لَا يُكَلِّفُ اللَّهُ نَفْسًا إِلَّا وُسْعَهَا... ﴿البقرة: 286﴾

“الله تعاليٰ ڪنهن به جيءَ تي ان جي وس کان وڌيڪ ذميواريءَ جو بار نه رکندو آهي...”

يعني ان جا حڪم فطري آهن. هو اسان جو خالق آهي تـه پـوءِ ڇـا جي ڪـري اسـان دين تي عمـل ڪـرڻ پنهنجي لاءِ ناممڪن سمجهون ٿا؟

اللـه ڪـري تـه هن ڪتـابڙي وسـيلي اسـان بيخـبريءَ جي انهيءَ ڪوهـيڙي کي صـاف ڪـري سـگهون، جنهن اسـان جي ذهنن کي ڌنـڌلو ۽ مـيرانجهو ڪـري ڇـڏيو آهي. اسـان اهـا سمجهه جاڳائي سگهون، جيڪا اسان کي دين تي پوريءَ طرح سان عمل ڪرڻ لاءِ گهربل آهي. انهيءَ وچايل ورثي کي ٻيهـر حاصل ڪري سگهون، جنهن کي وڃائڻ سبب اڄ اسان دنيـا ۾ خوار ۽ خراب ٿي رهيا آهيون.

الله تعاليٰ اسان کي پنهنجي دين تي مڪمـل عمـل ڪـرڻ وارو ۽ پنهنجي دين تي فخـر ڪـرڻ وارو بڻـائي. (آمين يـا رب العالمين)

ڄاڻ سڃاڻ

ڇا مان مسلمان آهيان؟

عام طرح ڏٺو ويو آهي ته ماڻهو دين تي اڌورو عمل ڪري رهيا آهن ۽ انهن کي ان ڳالهه جي ڪـا ڪـل ئي نـه آهي. اهي رڳو نمـاز، روزي، حج ۽ زڪـوات کي ئي پـوري جـو پـورو دين سـمجهي مطمئن آهن. ان ڪـان وڌيڪ انهن جـون ڪهڙيـون ذميواريون آهن، نه انهن کي ان ڳالهه جي ڪـا خـبر آهي ۽ نـه ئي وري اهو ڄاڻڻ جي ڪا ڪوشش ڪن ٿا.

هن ڪتـابڙي ۾ اسـان قـرآن ڪـريم جي ڪجهـه آيتن جي چونـڊ ڪـئي آهي جنهن ۾ ان ڳالهـه کي نـروار ڪـرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي ته قـرآن ۾ اللـه تعـالى جي سـمورن حڪمن تي عمل ڪرڻ تمام ضروري آهي. مثال طور:

- پنهنجي شخصـيت جي پـاڪيزگي/ڊولپمينٽ ڪـرڻ تـه جيئن الله جي محبوبيت ۽ رضا حاصل ٿئي.
- انسانن سان ڀلاين ۽ انصاف واري هلت هلڻ.
- پنهنجو پاڻ کي انسانن لاءِ نفعي بخش بنائڻ.
- پنهنجي وقت ۽ مال جي قرباني ڏيڻ.
- ڌرتيءَ تي سٺو سماج اڏڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ.
- ماڻهن جي حق تلفين کان بچڻ.
- ماڻهن کي نيڪين طرف سڏڻ ۽ مداين کان روڪڻ.
- ماڻهن سان سهٺي نموني سان ڏيتي ليتي ڪرڻ.

- رسول الله ﷺ جي طريقن کي پنهنجي زندگيءَ ۾ پنهنجائڻ.
- عورت جي لاءِ پردي جو بندوبست ڪرڻ.
- شراب، بدڪاري، وياج ۽ بي حيائيءَ کان بچڻ.
- زبان جي حفاظت ڪرڻ.
- پنهنجي زبان کي گلا، ڪوڙ، ٺوڪ، مهڻن ۽ گارين کان بچائڻ.
- قرآن پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ.
- ورثي جي قانون تي عمل ڪرڻ.

ايئن ئي الله تعالىٰ جي بيا به ڪيترائي حڪم آهن جيڪي عام طرح اسان جي اکين کان اوجهل آهن يا وري اسان انهن کي ڪا اهميت ئي نٿا ڏيون.

انشاءَ الله تعالىٰ انهن آيتن تي سوچ ويچار کان پوءِ الله تعالىٰ کان دعا آهي ته اسان دين اسلام تي رسمي حد تائين نه، پر مڪمل طور تي عمل ڪري دين جي اصل روح تائين پهچي سگهون ۽ دنيا ۽ آخرت جي خواري ۽ نقصان کان بچي سگهون. (آمين)

هاڻي هڪ هڪ ڪري اسان انهن چئني آيتن تي ويچاريون ٿا.

پهرين آيت

﴿أَفَتُؤْمِنُونَ بِبَعْضِ الْكِتَابِ وَتَكْفُرُونَ بِبَعْضٍ فَمَا جَزَاءُ مَن يَفْعَلُ ذَٰلِكَ مِنكُمْ إِلَّا خِزْيٌ فِي الْحَيَاةِ الدُّنْيَا وَيَوْمَ الْقِيَامَةِ يُرَدُّونَ إِلَىٰ أَشَدِّ الْعَذَابِ وَمَا اللَّهُ بِغَافِلٍ عَمَّا تَعْمَلُونَ﴾

﴿البقرة: 85﴾

”...پوءِ ڇا جي ڪري ڪي (حڪم) ڪتاب جا مڃيندا آهيو ۽ ڪي نه مڃيندا آهيو؟ پوءِ اوهان مان جيڪو اهڙو ڪم ڪري تنهن جي سزا دنيا جي حياتيءَ ۾ خواريءَ کانسواءِ ڪانه آهي ۽ قيامت جي ڏينهن سخت عذاب ڏانهن ورايا ويندا، ۽ جيڪي ڪندا آهيو تنهن کان الله بي خبر نه آهي.“

هن آيت ۾ الله تعالىٰ اسان مسلمانن کي ميار ڏئي رهيو آهي ته ”توهان ڪتاب جي ڪجهه حڪمن کي مڃيندا آهيو ۽ ڪي نه مڃيندا آهيو.“

عام مسلمانن جي عمل تي نظر وجهو ته الله تعالىٰ جي ميار بلڪل صحيح آهي. انهن جي عمل جو معيار ڇا آهي؟

- بس دين جو ايترو ڀاڱو مڃبو جيڪو ڏکيو نه لڳي ۽ جنهن سان ذاتي مفادن کي نقصان نه پهچي.

- جنهن حڪم کي چاهيو ڇڏي ڏبو، جنهن کي چاهيو ان تي عمل ڪبو.
- انهن جي سوچ religion made easy ٿي رهي آهي.
- ڪي مسلمان جيڪڏهن legal codes يعني شريعت ڇهڙوڪه نماز، روزي، حج ۾ زڪوات وغيره جا پابند آهن ته اهي وري روين، پلاين ۾ ڏيتي ليتي ۾ بلڪل بيپرواهي جو مظاهرو ڪندا آهن. انهن ۾ آڪڙ ۾ ڪروڌ پريل آهي يا وري مٿي مائٽيءَ کي ڇنڻ جهڙو بدعمل به ڪن ٿا.
- ڪجهه مسلمان انهن بنيادي ذميوارين کان ئي بي خبر آهن.
- ڪن مسلمانن جو خيال آهي ته رڳو انسانيت جي خدمت ڪريو، ماڻهن سان سهڻي سلوڪ سان هلو، ماڻهن جي مدد ڪريو؛ چوٽڪاري لاءِ اهو ئي ڪافي آهي. اهي الله جي عبديت جي مايا، ان جي رضا ۾ ان جي محبوبيت کان محروم رهجي وڃن ٿا.

انهيءَ هڪ طرفي سوچ ۾ فڪر جو نتيجو سموري امت کي ڀوڳڻو پوي ٿو. ڪن ماڻهن جي، دين تي ٿوري حد تائين عمل ڪرڻ جي سزا، سموري امت کي ملي ٿي ۾ معاشري ۾ عدل انصاف وارو نظام نافذ نٿو ٿئي.

اسان اصل ۾ دين جي ٻه ٽهائي (2/3) حڪمن تي عمل ڪري مطمئن ٿي وڃون ٿا. ان جو سبب هيءَ آهي ته اسان پاڻ کي وچٿرو مسلمان (moderate muslim) سڏرائڻ پسند ڪريون ٿا، انهيءَ ڪري اسان دل گهريو دين گهُرون ٿا. جڏهن ته الله تعالى جي گهُر هيءَ آهي ته اُدْخُلُوْا فِي السِّلْمِ كَآفَّةً ۰ ”معنيٰ اسلام ۾ پورا جو پورا داخل ٿي وڃو.“ پوري داخل ٿيڻ جو مطلب هيءُ آهي ته پنهنجي خواهشن تي جيئڻ ڇڏي الله جي مرضيءَ تي جيئڻ شروع ڪيو، خود رخي زندگي نه پر خدا رخي زندگي جيئو.

هاڻي ڪجهه مثالن سان هن ڳالهه کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا:

- ڪو ماڻهو جيڪڏهن ڪنهن ملڪ جي سيني قانونن تي عمل ڪري، پر ٻه چار قانون ٽوڙي ته قانون جي نظر ۾ اهو ماڻهو ڏوهاري (criminal) ليکيو ويندو. ايئن ئي الله تعالى جا به قانون آهن ۾ انهن سمورن قانونن جي فرمانبرداري ضروري آهي. جڏهن ته اسان اڌ دين تي عمل ڪري چوندا آهيون ته گهٽ ۾ گهٽ (atleast) اسان ڪجهه ته عمل ڪري رهيا آهيون. اسان کي انهيءَ روش جي ڪري الله تعالى جي نظر ۾ ڏوهاري

ٿي وڃڻ جو نه ته ڪو احساس ٿئي ٿو ۽ نه ئي ڪا شرمساري. جيڪڏهن شرمساري ٿئي به ٿي ته مسلمان ٿيڻ تي يا مسلمان سڏائڻ تي. الله تعالى جي ٻن حڪمن تي عمل ۽ ڇئن جي نافرماني ان ڪري ٿيندي آهي جو اسان شرمسار مسلمان (sorry muslims) آهيون.

- شريعت هڪ مشين وانگر آهي جنهن کي هلائڻ لاءِ هر هڪ "ننڍو تورڙي وڏو پرزو" اهميت وارو هوندو آهي، نه ته مشين نه هلندي ۽ بيڪاري ٿي ويندي. شريعت جا حڪم اسان جي لاءِ دنياوي پلاين جو ڪارڻ به بڻجن ٿا. جڏهن اسان انهن حڪمن کي نظرانداز ڪيون ٿا ته پوءِ اسان جي زندگين ۾ پريشانيون ۽ عذاب منهن ڪڍي بيهن ٿا.
- ايئن ئي هڪ هزار روپين جو نوٽ جيڪڏهن اڌ ڦاٽل هجي، نوٽ جي ان اڌ ٽڪري سان جيڪڏهن بازار ۾ وڃي ڪا خسيس شيءِ مثال طور هڪ پينسل خريد ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو ته ڇا توهان اها حاصل ڪري سگهندا؟ نه، بلڪل نه!

جڏهن اڌ ڦاٽل نوٽ سان دنيا جي خسيس شين کي خريد نٿو ڪري سگهجي ته پوءِ پنهنجي اڌوري دين تي عمل ڪندي اسان جنت جهڙي مهانگي نعمت ڪيئن ٿا حاصل ڪري سگهون؟

- شريعت ڪنهن هوٽل جي Buffet table نه آهي جو طعامن وانگر حڪمن کي به چونڊي ۽ پنهنجي مرضيءَ سان کڻي وٺجي.

اسان پنهنجو پاڻ ئي سچي دين کي پاڳيا ۽ حصا پتيون ڪيون ۽ سوچيون ته سموري ڪتاب يعني قرآن مجيد تي ڪو به اڪيلو ماڻهو عمل نٿو ڪري سگهي. ڪي ماڻهو نمازون پڙهندا ۽ دين جون ڳالهيون پڙهائيندا، ڪي ماڻهو ڪاروبار ڪندا ۽ دنيا سنڀاليندا. جڏهن ته پلو ميلاپ (combination) هيءُ آهي ته ٻئي ملي وڃن ۽ اسلام اسان جي گهر، خاندان، معاشرت، معيشت ۽ سياست يعني هر شعبي ۾ مڪمل طور تي نافذ ٿي وڃي.

پر افسوس! اسان جو ته حال هيءُ آهي جو خدائي حڪمن تي عمل نه ڪرڻ جو ڏوهه ته ڪيو ئي ڪيو، پر ان مٿان ظلم اهو ته خدائي حڪمن تي عمل نه ڪرڻ سبب جيڪو خال پيدا ٿي پيو، ان کي هندن، عيسائين ۽ يهودين جي تهذيب (unislamic culture) سان پري ڇڏيو.

اڄ اسان وٽ دولت اپائيندڙ زمين آهي، معدني وسيلا آهن،

وڏي صلاحيت رکندڙ نوجوان آهن، پر پوءِ به ڪاهلي ۽ خــواري اسان جي مثان ڇانيل آهي. اسان خواريءَ جي انهيءَ ڪڌ مـان رڳو ان صورت ۾ نڪري سگهون ٿا جڏهن اسـان پــوري قــرآن تي عمل ڪـريون ۽ ان ڪي حصا پتيون نه ڪـريون.

دنيـا جي خــواري ٻن قسـمن جي مــاڻهن کي پلئـه پونـدي آهي:

(1) هڪ خواري انهن ماڻهن کي ملندي آهي جيڪي پوريءَ طرح سان دين تي عمل ڪندڙ هجن. هائو! انهن کي به خواريءَ جو منهن ڏسـڻو پونـدو آهي. پـر ڪهـڙي شڪل ۾؟ مـاڻهن جي طرفـان آزمـائش جي شـڪل ۾. ٺـوڪ، ٺٺـول، چـٽر جي شـڪل ۾. پـر اهـا خــواري ڏاڍي بـرڪت واري آهي، ڇـو جـو مـومن اهـڙي خــواريءَ تي صبر ڪري ٿو، ٺوڪيندڙن جي پرواهه نٿو ڪري ۽ ثـابت قدم رهي ٿو. ائين هو الله تعالى جي طرفـان آخـرت ۾ ڀلائي ۽ ڇوٽڪاري ۽ اوچن مرتبن جو حقدار بڻجي وڃي ٿو.

(2) جڏهن ته هڪ خواري انهن جي به نصيب ۾ ايندي آهي جيڪي اڌ دين تي عمـل ڪنـدا آهن ۽ بـاقي دين جي حڪمن کان منهن موڙيندا آهن. انهن جي هيءَ خواري قيامت تائين انهن جي ڪڍ هوندي. انهيءَ ڪري ئي انهن جي باري ۾ فرمايو ويو:

...خَسِرَ الدُّنْيَا وَالْآخِرَةَ ﴿الحج: 11﴾

"... دنيا جي خواري ۽ آخرت جو نقصان..."

يعني اهي ماڻهو جن جي دنيا به وئي ۽ آخرت به تبـاهه. نـه هتان جا رهيا نه هتان جا رهيا.

علامه اقبال اسان جي انهيءَ ڏک ڀـريل حـالت جي تمـام ئي چڱي ۽ پوري طرح ترجماني ڪئي آهي.

خــرد نے کہہ بھی دیــا لا الہ تــو کیـــــا حاصل
دل و نگــاہ مســلماں نہیں تــو کچھ بھی نہیں

ٻي آيت

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا ادْخُلُوا فِي السِّلْمِ كَافَّةً وَلَا تَتَّبِعُوا خُطُوَاتِ الشَّيْطَانِ إِنَّهُ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِينٌ ﴿البقرة: 208﴾

"اي ايمـان وارؤ! اسـلام ۾ پــورا داخـل ٿيو ۽ شـيطان جي وِکن تي نه هلو، ڇوته اهو اوهان جـو پـڌرو ويـري

آهي.”

ايمان وارن کي هن آيت □ اسلام جي سمورن حڪمن تي عمل ڪرڻ لاءِ اپاريو پيو وڃي ته جيئن اسان جو اندر □ توڙي ٻاهر □ هر طرح سان دين تي عمل هجي. اسان جو جسم به الله تعالى جو فرمانبردار هجي □ اسان جون وفاداريون به اسلام سان هجن، يعني اسان جا هٿ پير □ دل دماغ سڀئي الله تعالى جي فرمانبرداري ڪن.

جيڪڏهن اسان جو ڪو نوڪر اسان جي سمورين ڳالهين کي مڃي، پر رڳو هڪ ڳالهه نه مڃي ته اسان ان کي نافرمان ئي سڏينداسين □ ان تي ناراضگيءَ جو اظهار ڪنداسين، ڇو جو فرمانبرداريءَ جو اهو اصول آهي ته:

“فرمانبرداري پوري هوندي آهي □ سدائين هوندي آهي.”

نمازون الله جي حڪم موجب پڙهون □ رسمون پنهنجي مرضيءَ سان ڪريون ته اها پوري فرمانبرداري نه چئبي. اسلام جيڪڏهن اڻپورو هجي ها ته الله تعالى ڪيئن اسان کان گهُر ڪري ها ته اسان مڪمل طرح ان تي عمل ڪريون؟ الله تعالى قرآن □ رسول الله□ جي مبارڪ عمل وسيلي دين کي پڄاڻي (completion) □ ڪمال (perfection) تائين پهچايو.

جيئن سورة المائده □ الله تعالى فرمايو:

...الْيَوْمَ أَكْمَلْتُ لَكُمْ دِينَكُمْ وَأَتْمَمْتُ عَلَيْكُمْ نِعْمَتِي وَرَضِيتُ لَكُمُ الإِسْلاَمَ... □المائدة: 3□

“...اوهان جو دين اوهان لاءِ ڪامل ڪيم □ اوهان تي پنهنجي نعمت پوري ڪيم □ اوهان لاءِ دين اسلام پسند ڪيم...”

جڏهن الله تعالى اسان جي لاءِ دين اسلام کي پسند ڪيو □ اسان دين □ داخل ٿي وياسين ته هاڻي اسلام اسان کان گهُر ڪري ٿو ته اسان پنهنجي ابن ڏاڏن جي پراڻو غير اسلامي خيالن □ مدي خارج رسمن □ رواجن کي اڇلائي ڦٽو ڪريون، پوءِ ڀلي چونه اسان جي مفادن □ ڪيتري به رڪاوٽ اچي. الله تعالى جي ذات کي سڀ ڪان مٿاهون سمجهي □ مڃي اسلام جي گهر (house of Islam) □ داخل ٿي وڃون.

انهيءَ ڪري رسول الله□ جن پنهنجي ذات کي نمونو بڻائي اسان کي خوشي، ڏک، امن، جنگ، زندگي، موت، الله جي حقن □ ٻانهن جي حقن؛ سڀني جي باري □ چٽيون هدايتون ڏئي ڇڏيون. انهيءَ ڪري اسان مان ڪوبه اهو بهانو نٿو ڪري سگهي ته اسلام □ چٽا حڪم (clear instructions) نه آهن، انهيءَ ڪري عمل ٿي نه سگهيو.

الله تعالى جو پنهنجو نالو به “السلام” آهي □ ان جي گهُر به اها ئي آهي ته انسان سلامتيءَ جي گهر □ داخل ٿي وڃي.

جيڪڏهن ڪو ماڻهو گاڏيءَ ۾ سفر ڪري رهيو هجي ۽ هو پنهنجو هڪ پير گاڏيءَ جي اندر ۽ هڪ پير گاڏيءَ کان ٻاهر رکي ته اندازو ڪريو ته هو پنهنجو پاڻ کي ڪيترو نه خطري ۽ برباديءَ ۾ وجهي رهيو آهي؟ اهڙي طرح جيڪڏهن ڪو خدا تعالى جي سلامتيءَ واري گهر ۾ هڪ پير اندر ۽ هڪ پير ٻاهر رکندو ته ان لاءِ به ساڳيو ئي خطرو ۽ بربادي آهي.

ويچار ڪري ڏسو ته دنيا جون عام شيون به جيڪڏهن اڻپوريون هجن ته اسان جي نظرن ۾ انهن جي ڪا اهميت نٿي رهي، ته پوءِ اسان اهو ڪيئن سمجهي ورتو ته الله تعالى اسان کان اڌورو، ڀڳل ٽٽل ۽ اڻپورو دين قبول ڪندو؟

ڇا ڪو مڙس پنهنجي زال جي يا ڪا زال پنهنجي مڙس جي هڪ سيڪڙو بيوفائيءَ تي به راضي ٿي سگهي ٿو يا ٿي سگهي ٿي؟ بلڪل نه! ٻئي هڪ ٻئي کان سؤ سيڪڙو وفاداري گهرن ٿا. ته پوءِ ٿورو سوچيو! اسان جو پالڻهار اسان کان ڇا جي گهُر ڪري ٿو؟

جيڪڏهن ڪا اڻپوري عمارت هجي جنهن جي نه ڇت هجي، نه دريون ۽ نه ئي دروازا، ته ڇا ان ۾ ويهي ڪو ڪنهن کي هيئن چئي سگهي ٿو ته اندر اچ؟ ايئن جيڪڏهن نعوذبالله اسلام به اڻپورو هجي ها ته هيءَ گهُر ڪيئن ٿئي ها ته پوريءَ طرح سان دين ۾ داخل ٿي وڃو؟

ٿورن لفظن ۾ ايئن چئجي ته انهن مثالن سان هڪ عام سمجهه رکندڙ ماڻهو به چڱيءَ طرح سمجهي سگهي ٿو ته دين ۾ مڪمل طرح سان داخل نه ٿيڻ ڪري انسان پنهنجو پاڻ کي ته نقصان ۾ وجهي ئي ٿو پر پاڻ سان گڏوگڏ هو ٻين جي لاءِ به خطري جو سبب بڻجي وڃي ٿو.

اسلام ۽ ايمان جو فرق

هڪ تمام ئي اهم ڳالهه جيڪا سمجهڻ جوڳي آهي سا هيءَ ته الله تعالى هن آيت ۾ جن سان ڳالهايو آهي سي اصل ۾ اهي ماڻهو آهن، جيڪي اڳي ئي ڪلمو پڙهي ايمان آڻي چڪا آهن. انهيءَ ڪري الله تعالى فرمايو: “اي ايمان وارؤ! اسلام ۾ پورا پورا داخل ٿي وڃو.”

سوچڻ جي ڳالهه هيءَ آهي ته جڏهن ايمان آڻي چڪا ته ايمان آڻڻ کان پوءِ اسلام ۾ داخل ٿيڻ جو ڪهڙو مطلب؟ انهيءَ مان خبر پوي ٿي ته ايمان ڪا ٻي شيءِ آهي ۽ اسلام ڪا ٻي شيءِ. ايمان آڻڻ ڪافي نه آهي، ايمان آڻڻ کان پوءِ اسلام ۾ داخل ٿيڻ ضروري آهي.

اسلام ڇا آهي؟

اسلام عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي معنى آهي:

- پنهنجو پاڻ کي الله تعاليٰ جي سلامتيءَ واري نظام ۾ آڻي ڇڏڻ.
- پنهنجو پاڻ کي الله تعالى جي اڳيان جهڪائي ڇڏڻ.
- فرمانبرداريءَ ۾ ڪنڌ جهڪائڻ.
- پنهنجو پاڻ کي الله تعالى جي حڪمن جو پابند بنائڻ.
- سَمِعْنَا وَ اَطَعْنَا وارو رويو اختيار ڪرڻ.
- پنهنجي زندگي الله تعالى جي حڪمن موجب گذارڻ.

يعني رڳو زبان سان ڪلمو پڙهڻ، الله ۽ رسولﷺ ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان آڻڻ اسلام ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ڪافي نه آهي پر اسلام ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ضروري آهي ته انسان پنهنجي سموري وجود کي الله تعالى جي حڪم ۽ رسول اللهﷺ جي طريقي اڳيان جهڪائي ڇڏي. جيستائين فرمانبرداريءَ جو اهو معيار نه هوندو، ان وقت تائين انسان صحيح معنى ۾ "دين اسلام" ۾ داخل نه ٿيندو. انسان جو گهربل رويو هيءُ آهي ته جڏهن به الله تعالى جو ڪو حڪم اچي ته انهيءَ ۾ قيل ۽ قال نه ڪري. هي يقين ڪري ته انهيءَ حڪم ۾ منهنجي سلامتي سمايل آهي، سو هڪدم حڪم جي فرمانبرداري ڪرڻ جو فڪر ڪري. الله تعالى وٽان جيڪو به حڪم ملي، ان کي مڃي، ان اڳيان ڪنڌ جهڪائي ۽ ان تي عمل ڪري. الله تعاليٰ جا حڪم اسان جي ڀلائيءَ لاءِ آهن. انهن ۾ اسان جي سلامتي به آهي ۽ فائدو به. نادان ماڻهو پنهنجي محدود ڄاڻ جي بنياد تي دوکو کائيندا آهن ته اسان سڀني شين کي في الفور پنهنجي عقل جي ڪسوٽيءَ تي پرکيون، پر خدا جا حڪم سڄي انسانيت جي فائدي وارا ۽ حڪمت وارا هوندا آهن ۽ باشعور حڪمت وارا ماڻهو انهن حڪمن جي ڀلائيءَ جي رازن کي عقل پٽاندر ڄاڻندا آهن.

جيئن ته حضرت ابراهيمؑ جو ذڪر قرآن ڪريم ۾ اچي ٿو ته جڏهن ان کي الله تعالى جو حڪم مليو ته پنهنجي پٽ اسماعيلؑ کي الله جي واٽ ۾ قربان ڪر يعني ان کي پنهنجي هٿن سان ڪُهه ته ٻنهيءَ جو انهيءَ حڪم جي معاملي ۾ ڪهڙو رويو هو؟ ان لاءِ قرآن ڪريم ٻڌائي ٿو:

﴿فَلَمَّا أَسْلَمَا وَتَلَّهُ لِلْجَبِينِ﴾ (الصافات: 103)

"پوءِ جڏهن ٻنهي حُڪم مڃيو ۽ ابراهيم (پنهنجي) پُٽ کي پيشانيءَ پر ليٽايو."

قرآن لفظ "أَسْلَمَا" اختيار ڪيو يعني ٻنهي الله تعالى جي حڪم اڳيان ڪنڌ جهڪايو. الله تعالى شال اسان کي به اهڙو فرمانبردار بڻائي. (آمين)

ڪجهه ٻيا مثال به ڏسو:

- ڪنهن به ڊاڪٽر جي ڏسيل دوا کائڻ کان اڳ ڇا اسان ان کان ڊگري گهرندا آهيون؟ يا وهم گمان جو شڪار ٿيندا آهيون؟ جيڪڏهن هو آپريشن (چير ڦاڙ) جي صلاح ڏيندو آهي ته پنهنجي ڇڱڀلائيءَ جي اميد تي يڪدم چير ڦاڙ ڪرائڻ لاءِ به تيار ٿي ويندا آهيون. آخر ڇو؟ ڇو جو اسان جو ڊاڪٽر تي ويساهه ۾ اعتماد هوندو آهي. ان ڪري ئي ته هن جي هر ڳالهه بنا ڪجهه ڪُڇڻ جي مڃي وٺندا آهيون.
- اهڙيءَ طرح سان پنهنجي ٻار کي اسڪول ۾ داخل ڪرائڻ کان پوءِ ان جي ڪورس جي ڪتابن يا استادن تي پڻ ڪنهن قسم جو شڪ نه ڪندا آهيون. اڃا به اسڪول جي انتظاميا تي ويساهه ڪندي ۾ پنهنجي ٻار جي چڱي آئيندي جي اميد تي ڳريون فيون اسڪول کي ادا ڪندا رهندا آهيون. اسان اهو سڀ ڪجهه ڀروسي ۾ اعتماد جي بنياد تي ڪندا آهيون.
- ٿورو سوچيو! ڇا الله تعالى جو ڪلام يا دين اسلام نعوذبالله هڪ ڊاڪٽر يا اسڪول انتظاميا کان به ويل آهي جو اسان جو ان تي ويساهه نه آهي؟ انهيءَ ڪري ئي ته اسان اڳتي وڌندي گهٻرائيندا آهيون ته خبر ناهي ته فائدو به ٿيندو يا نه؟ يا اهو ته جيڪڏهن اسان الله تعالى جي دين تي عمل ڪنداسين ته نعوذبالله اهو ئي اسان کي اڪيلو ڇڏي ڏيندو يا اسان جو ڪو وڏو نقصان ٿي پوندو!
- دنيا ۾ ڪنهن ڪاروبار جو معاهدو ٻن ڌرين جي پاڻ ۾ ڀروسي ڪانسواءِ ٿي نٿو سگهي. اهڙي طرح هڪ مڙس ۾ زال جو هڪٻئي سان گڏجي رهڻ ڀروسي کان سواءِ نٿو ٿي سگهي ته اسان اهو ڪيئن سمجهي ورتو ته الله تعالى جي ڪلام جي معاملي ۾ شڪ ۾ گمان جو شڪار ٿي، الله تعالى جي ويجهڙائي، ان جي سچاڻ ۾ دين اسلام جون ڀلايون حاصل ڪري سگهنداسين؟
- اسان ايمان، عقيدي ۾ عبادت جي حد تائين ته اسلام ۾ داخل ٿي ويا آهيون يعني ڪلمو پڙهي ورتو، نماز به پڙهي وٺون ٿا، زڪوات به ادا ڪري وٺون ٿا ۾ الحمدلله حج به ڪري وٺون ٿا پر ان کان اڳتي وارين تقاضائن کي ڪا به اهميت نٿا ڏيون.

جڏهن ته الله تعالى جي گهُر هيءَ آهي ته: “پورا داخل ٿي وڃو.”

- اسان کي ياد رکڻ گهرجي ته اسلام رڳو عبادتون ڪرڻ جو نالو نه آهي پر سموري زندگيءَ کي الله تعالى جي

حڪمن جو فرمانبردار بڻائڻ جو نالو "اسلام" آهي. پنهنجي جان ۽ مال سچي جو سچو مومن وٽ امانت آهي. ان کي امين جي طور تي ڪپائڻ اسلام آهي. تنهن ڪري رڳو اهو مسلمان "اسلام" جي سچاڻ تي پورو اچي ٿو جيڪو پنهنجي خاندان ۾، روزگار ۽ ڪاروباري ماڻهن ۾، معاشري ۽ سنگت ساٿ ۾، بازار ۽ شادي هال ۾، ڏک جي گهڙيءَ ۽ يا موت جي موقعي تي، پنهنجي سمورن معاملن ۾ هر جاءِ تي مسلمان هجي.

- جڏهن ته اسان وٽ ٿيندو ائين آهي ته مسجدن، مدرسن يا ديني محفلن ۾ ته اسان مسلمان نظر ايندا آهيون، پر بازارن ۾ پردي ڪان بي نياز، معاشرت جي ڳالهه هجي ته ماڻهن سان لاڳاپا ڇنندڙ، ڪاروبار ۾ ٺڳي ڪندڙ، وياج خور، رشوت خور، ڏک يا موت جي موقعن تي بدعتون، جهڙوڪه ٽيجهو، چاليهو وغيره به ڪنداسون. وري شادي مراديءَ جو موقعو اچي ته فضول خرچ به ڪنداسون، ناچ ۽ ڳائڻ وڄائڻ جون محفلون به ڪنداسون. مردن ۽ عورتن جون گڏيل گڏجاڻيون ڪري خدا تعالى جي نافرمانيءَ وارا ڪم ڪندڙ ٿي ويندا آهيون. ڊيوٽيءَ جو مسئلو اچي ته اتي گوسڙو ۽ ڊيوٽي چور. ڪم، پورهيو ۽ ڊيوٽي به هڪ مسلمان جي لاءِ عبادت جو درجو رکن ٿا. اتي انساني نفعي بخشي ٿئي ٿي، ماڻهن جا مسئلا حل ٿين ٿا ۽ اهنج دور ٿين ٿا. هاڻي جڏهن ڊيوٽي صحيح سرانجام نٿي ڏجي يا ڪم چوري ڪجي ٿي يا ماڻهن کي سهولتون ۽ سهنجايون نٿيون ڏجن ته اهو انسانن سان به دوکو آهي ۽ پنهنجي ان خدا جي به نافرماني آهي جنهن جو حڪم آهي ته پنهنجي ذمي ٿيل ڪمن ۽ واعدن جي تڪميل ڪيو. الله جي مخلوق کي اهنج ڏئي ڪوبه ماڻهو الله جي سلامتيءَ واري نظام جو حصو نٿو بڻجي سگهي. پنهنجي ڊيوٽي ۾ ڪم کي دين جو حصو آخر اسان ڇو نٿا سمجهون؟ مطلب ته الله تعالى جي سمورين حدن کي اورانگهيندي اسان کي ڪڏهن به اهو خيال نه ٿيندو آهي ته اهو پالڻهار، جنهن مون کي ڪامل دين سان نوازيو، قيامت جي ڏينهن مون کان اهو اڌورو دين قبوليندو به يا نه؟

دين اسلام پنجن پاڱن تي آڌاريل آهي

(1) عقيدا: صحيح عقيدو هئڻ

(2) عبادتون: نماز، روزو، حج، زڪوات وغيره جي پابندي

(3) معاملا: الله جي رستي ۾ انفاق، انسانن سان ڀلايون، معاشري جا صالح فرد بڻجڻ، پورهئي ۽ ڊيوٽيءَ جي حق حلالي، ڏيتي ليتي ۽ ڪاروبار ۾ حرام ۽ ناجائز وسيلن جو استعمال نه ڪرڻ؛ جهڙوڪ وياج، رشوت وغيره.

(4) معاشرت: قرآن پڙهڻ، پڙهائڻ، عمل ڪري ٻين تائين پهچائڻ، مٽن مائٽن سان لاڳاپا ڳنڍڻ، انسانن سان سهٽي سلوڪ سان پيش اچڻ، عورت جو بيحيائي جي فتنن کان بچڻ لاءِ پردي جو بندوبست ڪرڻ، مردن ۽ عورتن جي لاءِ جدا ويهڻ جو بندوبست ڪرڻ، غير اسلامي تقليد يعني ميندي، ٻُڪي ۽ ٻين اهڙي قسم جي فضول رسمن کان بچڻ جو بندوبست ڪرڻ، معاشري ۾ امربالمعروف ۽ نهي عن المنڪر ڪرڻ.

(5) اخلاقيات: هڪ مسلمان جي اندر پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي لاءِ ساڙ، ڪيني، ڪوڙ، بهتان، ٺوڪ، مهٽي، چغلي، جهڙيون باطني ۽ اخلاقي برائيون نه هئڻ گهرجن.

دين اسلام ۾ مڪمل طور تي داخل ٿيڻ لاءِ انهن پنجن ڳالهين تي عمل ضروري آهي.

مٿين آيت ۾ الله تعالى اسان کي دعوت ڏئي رهيو آهي ته پنهنجي جسم ۽ روح سميت، پنهنجن سمورن معاملن، عبادتن، جذبن ۽ احساسن سان گڏ اچو پر تمام ٿورا ماڻهو الله تعالى جي انهيءَ سڏ ۾ سڏ ڏيندا آهن.

- ڪنهن به ڪلب جو رڪن ٿيڻ ڪانپوءِ جيڪڏهن توهان ان جا سيئي قانون ته مڃو پر هڪ اڌ ٽوڙيو، تڏهن به توهان جي رڪنيت واپس ورتي ويندي آهي.
- اهڙي طرح جيڪڏهن ڪو ٻار اسڪول جي نظم ۽ ضبط (discipline) جي پابندي نه ڪري ته ان کي اسڪول کان بي دخل (expel) ڪيو ويندو آهي پوءِ ڀلي هو ڪجهه قانونن جي پابندي ڪري به رهيو هجي، پر اسڪول ته مڪمل فرمانبرداريءَ جو مطالبو ڪندو.
- اهڙي طرح اسلام به مڪمل فرمانبرداريءَ جو مطالبو ڪري ٿو. الله تعالى جي اڳيان مڪمل فرمانبرداري (total submission) ۽ پنهنجي پاڻ کي مڪمل طور تي الله تعالى جي حوالي (total surrender) ڪرڻ ضروري آهي. شيطان گهرندو آهي ته دين اسلام کي مسجد ۾ عبادتن تائين محدود ڪيو وڃي ۽ زندگيءَ جا باقي سمورا شعبا مثال طور سياست، معيشت ۽

حڪومت وغيره ماڻهن جي پنهنجي مرضي □ پسند جا هجن. جڏهن ته دين اسلام زندگيءَ جي هر شعبي □ نافذ ٿيڻ لاءِ آيو آهي. ان ڪري هن آيت 208 □ اڳتي فرمايو ويو آهي: “□ توهان شيطان جي وکن تي نه هلجو، بيشڪ اهو توهان جو پڌرو دشمن آهي.”

جيڪڏهن شيطان جي پيروي ڪبي ته هو انسان کي دين کان گهڻو پري وٺي ويندو.

شيطان ڪيئن اسان جو پڌرو دشمن آهي؟ اچو ته ان جي حربن □ حيلن جي حوالي سان جائزو وٺون.

شيطان جا حيلا

- هو انسان کي ٿڪيندو آهي ته “الله تعالى معاف ڪندڙ □ مهربان آهي” □ “الله الائي ڪهڙين ڳالهين □ راضي!” تون جو ڪجهه به ڪندين هو معاف ڪري ڇڏيندو.
- فتنو اپاريندو آهي ته دين مُلن جو مسئلو آهي □ دين □ نَوَن اچڻ وارن کي مايوس ڪندو آهي.
- دل □ هيءُ خيال وجهندو آهي ته الله تعالى مون کان راضي آهي، تڏهن ته مون کي نوازي رهيو آهي.
- اهو چئي باعمل ٿيڻ ناهي ڏيندو ته الله تعالى ئي توفيق نٿو ڏئي، جڏهن ڏيندو تڏهن عمل ڪندس.
- اهو خيال دل □ وجهي ته الله تعالى ننڍين ننڍين ڳالهين تي پڪڙ نٿو ڪري، گناهن □ مست ڪرائي ڇڏي ٿو.
- الله جي موڪليل هدايت قرآن کان غافل رکي پنهنجي ٿوري عمل تي راضي ڪرائي ڇڏيندو آهي.
- انسان جي اندر اها سوچ وجهي ٿو ته دين □ ڪو به زور بار نه آهي.
- ناچ □ ڳائڻ وڄائڻ جي محفلن (concerts) جو بندوبست ڪري غريبن جي مدد جي لاءِ پئسا گڏ ڪرڻ کي “تمام وڏي نيڪي” ڪري ڏيکاريندو آهي.
- هو اسان کي سيکاريندو آهي ته جيڪي ڳالهيون توهان جي فائدي واريون □ خواهشن موجب هجن، تن تي عمل ڪريو باقي ٻين حڪمن کي ڇڏي ڏيو.
- هيءَ پَٽي پڙهائي ٿو ته هينئر ته زندگيءَ □ مزا وٺ، آخري عمر □ حج ڪري گناهه بخشرائجان.
- الله تعالى کان بدگمان ڪرائيندو آهي ته الله تعالى پاڻ ئي اسان کي هدايت نٿو ڏئي.
- گناهن جا نوان ميدان ڏسيندو آهي.

تنهن ڪري اسان ان جي حيلن کي سڃاڻندي ان جي

پيروي ڪرڻ کان پاسو ڪريون، ڇو جو هو اسان جو خيرخواهه نه پر تمام وڏو دشمن آهي.

انهيءَ ڪري ئي ته الله تعالى فرمايو:

“حقيقت ۾ شيطان توهان جو دشمن آهي سو توهان به ان کي پنهنجو دشمن سمجهو. هو ته پنهنجي جماعت کي ان لاءِ سڏيندو آهي ته اهي سڀئي جهنم ۾ داخل ٿي وڃن.” (سورة فاطر:6)

اڏ دين تي عمل جا سبب: هڪ جائزو

	شيطان جي فرمانبرداري ڇو؟		پالڻهار جي فرمانبرداري ڇو نه؟
1.	ڇو جو شيطان برائيءَ کي ڏاڍو سهڻو ڪري پيش ڪري ٿو.	1.	جڏهن ته الله تعالى سڌيءَ واٽ جو ڏس ڏئي ٿو جيڪو ظاهر □ ڏکيو لڳندو آهي پر اصل پلائي □ ڪاميابي انهيءَ ئي واٽ □ آهي.
2.	شيطاني واٽ تي هلڻ □ نفس کي مارڻ جي ضرورت نٿي پوي.	2.	نيڪيءَ جي واٽ تي ته پهرين ئي وک تي نفس کي قابو ڪرڻو پوندو آهي جيڪو انسان لاءِ سڀ کان وڏو جهاد آهي.
3.	شيطان انسان کي گناهن □ ڦاسائي زندگيءَ جا مزا وٺرائيندو آهي.	3.	الله تعالى جي فرمانبرداريءَ □ وري زندگي آزمائشن سان ڀريل هوندي آهي.
4.	ماڻهو (physical satisfaction) يا رڳو نفس جي خوشي گهرندو آهي.	4.	الله تعالى جي ڏسيل واٽ تي هلڻ □ روحاني سڪون حاصل ٿيندو آهي، جنهن جو تمام ٿورن ماڻهن کي تجربو ٿيندو آهي.
5.	انسان الله تعالى کي ڇڏي پنهنجي خواهشن جو غلام بڻجڻ گهرندو آهي.	5.	دين □ اچي رڳو الله تعالى جي حڪمن جي پانهپ ڪرڻي پوندي آهي.
6.	انسان مفاد پرست آهي، دنيا جا فائدا حاصل ڪرڻ گهرندو آهي جهڙوڪ وياج، رشوت، حق تلفي □ ديوٽي □ ڪمن □ نڱي وغيره.	6.	الله تعالى حق واري واٽ تي هلڻ جو حڪم ڏئي ٿو، پوءِ ان لاءِ ڀلي ڇونه دنيا جو ڪيترو ئي نقصان ٿئي. پر انسان پنهنجي ظاهري فائدي جي ڪڍ لڳندو آهي.

7.	شيطاني واٽ مصلحت پسندي (compromise) واري واٽ آهي ته ڪجهه دين جا ٽي رهو ۾ ڪجهه دنيا جو فائدو ماڻيو ۾ اهو به هٿان وڃڻ نه ڏيو.	7.	الله تعالى جي فرمانبرداري ڪرڻ ۾ اصولن تي سوديبازي نه آهي، يعني No compromise at any cost. جڏهن ته انسان پنهنجو پاڻ کي هرو پرو مجبور ۾ هيٺو سمجهي ٿو.
8.	شيطان موسيقيءَ کي روح جي غذا سڏي ٿو.	8.	مومن جي روح جي غذا ته قرآن آهي ۾ شيطان ان پاسي اچڻ نٿو ڏئي.
9.	شيطان انسان کي الله تعالى کان بيخوف بڻائي ڇڏي ٿو.	9.	الله تعالى جي فرمانبرداري ته نالو ئي الله تعالى کان ڊڄڻ جو آهي.
10.	شيطان سدائين انسان جو خيرخواهه بڻجي ايندو آهي.	10.	دين جي دعوت ڏيڻ وارا سدائين حق ۾ سچائيءَ جي دعوت ڏيندا آهن جيڪا ڪؤڙي لڳندي آهي.
11.	شيطان ڪوڙا واعدا ڏيندو آهي ۾ انسان کي ٺڳيندو آهي.	11.	الله تعالى جنت جي نعمتن ۾ دوزخ جي عذاب جو سچو واعدو ڪندو آهي جيڪو آخرت ۾ انسان کي پنهنجي عملن موجب ملندو. پر انسان جلدباز آهي. هو هر ڳالهه جو تڪڙو نتيجو گهرندو آهي.
12.	شيطان ڏيکاءَ، اجائي خرچ، showoff ۾ گناهه جي ڪمن ۾ خرچ ڪرائيندو آهي جيڪو انسان خوشيءَ سان ڪندو آهي ته دنيا ۾ ان جي ناماچاري ٿيندي.	12.	الله تعالى گهاٽي واري واٽ بدران وچٽري واٽ جو ڏس ڏئي ٿو جنهن سان انسان جي مفادن جو ڪڏهن بظاهر نقصان به نظر ايندو آهي پر ان جو دائمي نفعو آخرت ۾ الله تعاليٰ جي رضا ۾ محبوبيت حاصل ٿيڻ آهي.

.13	شيطان عورتن کي عورتن جي آزاديءَ جي نالي تي بي حياءُ بڻائيندو آهي.	.13	دين اسلام جي ته سڃاڻ ئي حياءُ □ پردو آهي جيڪو عورتن کي ڏاڍو ڏکيو لڳندو آهي.
.14	شيطان دنيا کي انساني زندگيءَ جو مقصد ڪري ڏيکاريندو آهي.	.14	مومن جي لاءِ ته دنيا □ چڱن ڪمن ذريعي آخرت جي تياريءَ جي ضرورت هوندي آهي، نه ڪِي مقصد.
.15	شيطان انسان کي ان جي بلند مرتبي جو احساس ڏياري ان کي انا پرستي □ وڏائيءَ تي اڀاريندو آهي.	.15	الله تعالى جنت اهڙي ماڻهوءَ لاءِ حرام ڪري ڇڏي آهي جنهن جي دل □ سرنهن جي داڻي جيتري به وڏائي آهي.
.16	شيطان انسان کي چالاڪين، ترڪتالين، حق تلفين، بدعتن، مزار پرستي، پيري مريدي، فال ڪڍڻ، تعويذ □ ٽوڻن ڦيڻن جهڙن ڪشش رکندڙ شرڪ جي ڪمن □ ڦاسائيندو آهي.	.16	الله تعالى کي هڪ مڃڻ □ هر شيءِ جو قادر مڃڻ انسان کي نفساني ڪان وڌيڪ روحاني خوشي حاصل ٿيندي آهي جڏهن ته الله تعالى وٽ سڀ کان وڌيڪ وڏو گناهه شرڪ آهي.

سوچڻ جي ڳالهه

الله تعالى اسان کي آزاد راءِ جي چونڊ جو حق ڏنو آهي □ پنهنجي مرضيءَ جو مالڪ بڻايو آهي تنهن ڪري سوچڻ گهرجي ته اسان جي چونڊ ڪهڙي هئڻ گهرجي؟

پهرين چونڊ

هڪ واٽ هيءَ آهي ته چڙواڳ زندگيءَ جو انتخاب ڪري شيطان جي ڪوڙ □ ٺڳيءَ □ اچي دنيا جي وقتي فائدن جي لاءِ جنت جي دائمي نعمتن □ عيش آرام کي قربان ڪريون.

نتيجو:

(1) هن دنيا □ خواري، پريشانيون □ مڪافات جون ذلتون □ آخرت □ جهنم جو هميشه وارو عذاب (2) آخرت □ خواري □ پشيماني (3) شيطان سان گڏيل پڇاڙي (4)۔ هميشه واري موت جي خواهش □ ان □ ناڪامي (5) جهنم جي داروغي جي سختي.

ٻي چونڊ

ٻي واٽ هيءَ آهي ته آخرت □ جنت جي دائمي فائدن لاءِ دنيا جي ٿورڙي آزمائش سهي وڃون □ رڳو الله تعالى جا فرمانبردار ٻانها بڻجي وڃون۔

نتيجو:

(1) هميشه رهڻ واري جنت (2) الله تعالى جي ديدار جهڙي خوشنصيبي (3) الله تعالى جي ٻاجهه □ مهرباني (4) الله تعالى جي مهمانوازيءَ جي حقداري (5) جنت جي اڻ ڏٺل □ سهڻين نعمتن جو حاصل ٿيڻ (6) هر خواهش جو پورو ٿيڻ.

قرآن مجيد □ ڪولي ٻڌايو ويو آهي ته:

... وَمَا يَعِدُهُمُ الشَّيْطَانُ إِلَّا غُرُورًا ﴿الإسراء: 64﴾

"... □ شيطان جا واعدا ٺڳيءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه نه آهن."

اسلام □ پورو داخل ٿيڻ جون گهرجون ڇا آهن؟

1. الله تعاليٰ جي حڪمن تي عمل سان ان جي محبوبيت حاصل ڪئي وڃي.
2. اسلام جي حڪمن □ پنهنجي مرضي نه هلائي وڃي، قرآن اسان لاءِ رهنما ڪتاب هجي.

3. هر وقت، هر گهڙي، هر حال ۾ ۽ هر موقعي تي الله تعالى جي فرمانبرداري ڪئي وڃي. ان جي پچار هجي ۽ ان جي رضا جي جستجو هجي.
4. زبان سان اقرار هجي ۽ دل ۾ ايمان هجي.
5. انسان جو ظاهر توڙي باطن هڪ ئي هجي.
6. عادتون ۽ خانداني روايتون، جيڪي اسلام جي خلاف هجن، تن کي ڇڏي ڏنو وڃي.
7. خوشي، ڏک ۽ آزمائش، مطلب ته هر حال ۾ اسلام تي عمل ڪيو وڃي.
8. زندگيءَ جي هر گهڙي اسلام جي حڪمن موجب گذاري وڃي.
9. عبادتون هجن توڙي معاشرت، معيشت هجي توڙي سياست، انفرادي زندگي هجي توڙي اجتماعي، هر جاءِ تي رڳو الله جي رضا جو تصور ئي هجي.
10. پنهنجي حوالي سان هدايت واري واٽ تي هئڻ جي فڪرمندي هجي ۽ پنهنجي پيارن جي لاءِ به اها ئي ڳڻتي هجي.

اسلام ۾ پوري طرح سان داخل نه ٿيڻ جا ڪهڙا نقصان آهن؟

- دين تي اڌورو عمل ڪري مسلمان نه رڳو پاڻ نقصان کڻندو آهي ان جي اڌورن عملن جو اثر ان جي ايندڙ نسلن، معاشري، ايتري تائين جو پوري امت تي به پوندو آهي. ان جو نتيجو اهو ٿيندو آهي جو سمورو معاشرو انڌي تقليد جو شڪار ٿي ويندو آهي.
- جڏهن اسان اڌوري دين تي عمل ڪندا آهيون ته ان سان جيڪا خلا اسان جي زندگين ۾ پيدا ٿيندي آهي، تنهن کي هندن واريون ريتون رسمون، غير اسلامي تهذيبون، بدعتون، ابن ڏاڏن جي انڌي تقليد، معاشرتي ۽ سماجي برائيون پرينديون آهن جنهن سان دين جي شڪل ئي بگڙجي ويندي آهي ۽ ان جو حقيقي روح مري ويندي آهي.
- خدا رخي زندگي گذارڻ بجاءِ خود رخي زندگي يعني پنهنجي مرضي ۽ خواهشن واري زندگي گذارڻ جي ڪري ماڻهوءَ جي مٿان الله جي رحمت جو هٿ هٽيل هوندوآهي ۽ اهڙو ماڻهو پريشانين ۽ عذابن ۾ بي واهو ٿي زندگي گذاريندو آهي.
- الله تعالى جا ڪي حڪم مڃي ۽ ڪن کي نه مڃي انسان اندروني طور تي شرمساريءَ جو شڪار رهندو آهي ۽ ان

جو اندر الله تعالی جي اڌوري فرمانبرداريءَ سبب ڪڏهن اطمينان ماڻي نه سگهندو آهي. اها ئي بي سڪوني ۽ نفسا نفسي اڄ اسان کي پنهنجي معاشري ۾ چٽيءَ طرح نظر اچي رهي آهي.

- جيڪو ماڻهو دين تي پورو عمل نٿو ڪري سو بڌتر ۽ مونجهاري (confusion) جو شڪار رهندو آهي. ان جي سوچ دنيا جي ظاهري ڏيک ويک تائين بيهجي ويندي آهي. جيئن ته اهڙي ماڻهوءَ جي زندگيءَ جو ڪو اوچو مقصد نه هوندو آهي، تنهن ڪري هو ڪڏهن گمراهه نظرين کان متاثر ٿي انهن جي پيروي شروع ڪري ڏيندو آهي ته ڪڏهن لامذهب ماڻهن جا ڳڻ ڳائڻ لڳندو آهي. مطلب ته اهڙو ماڻهو پنهنجي مسلمان هئڻ تي احساس ڪمتريءَ جو شڪار رهندو آهي ۽ شيطان جي چڪر ۾ ڦاسي پنهنجي دين کي هڪ مذاق ناهي ڇڏيندو آهي.
- جڏهن ڪو ماڻهو ماڻهن جي خوف کان، ته ڪٿي هو معاشري کان ڪٽجي نه وڃي، يعني سماجي لحاظ کان جدا (isolate) نه ٿي وڃي، سموري دين کي نٿو مڃي ته، الله تعالی به پنهنجي ذميواري ۾ پنهنجي ٻاجهه جو هٿ اهڙي ٻانهي تان کڻي ڇڏي ٿو ۽ ان کي ماڻهن جي حوالي ڪري ڇڏيندو آهي ۽ ايئن اهو ماڻهو خدا شناس (God conscious) بڻجڻ بدران ماڻهو شناس (people conscious) بڻجي ويندو آهي.
- دين تي اڻپوري عمل سان انسان ۾ لاپرواهي ۽ غفلت (careless attitude) پيدا ٿي پوندي آهي. هڪ وقت اهڙو ايندو آهي جو ان جي اندر گناهه جو احساس بلڪل ختم ٿي ويندو آهي ۽ اهو انساني اخلاق جو سڀ کان خطرناڪ درجو هوندو آهي. اهڙو ماڻهو سمجهندو آهي ته ڪيس دنيا ۾ رڳو کائڻ پيئڻ، عيش عشرت ۽ راند تماشي لاءِ موڪليو ويو آهي. اهڙي طرح هو شيطان جي وڪن تي هلي پنهنجي دنيا ۽ آخرت ٻنهي کي برباد ڪري ڇڏيندو آهي.

ٽئين آيت

مُّذَبْذَبِينَ بَيْنَ ذَٰلِكَ لَا إِلَىٰ هَٰؤُلَاءِ وَلَا إِلَىٰ هَٰؤُلَاءِ وَمَن يُضْلِلِ اللَّهُ فَلَن تَجِدَ لَهُ سَبِيلًا ﴿النساء: 143﴾

“نه هِن ٽولي ڏانهن آهن ۽ نه ڪِي هُن ٽولي ڏانهن آهن، انهيءَ (ڪفر ۽ ايمان) وچ ۾ حيران آهن، ۽ جنهن کي

الله ڀلائي تنهن لاءِ ڪڏهن واٽ نه لهندين.”

- يعني وچ تي لٽڪيل ۽ ٿاٻڙندڙ مسلمان آهن، جيڪي نه ڪفر سان سچا آهن ۽ نه اسلام سان، پر ٻنهي سان منافقت ڪندڙ آهن، ڇو جو ڪجهه پاڱو دين جي اندر ۽ ڪجهه ٻاهر هجڻ منافقت ئي آهي. جيڪڏهن مسلمان قرآن ۽ دين جي باري ۾ ٻڏتر (confusion) جو شڪار آهي ته زندگي آسان ٿيڻ بدران اجا به ڏکي ٿي پوندي. آرام ۽ سڪون موڪلائي ويندو.
- ٿورو تصور ڪريو ته هڪ انسان جبل جي چوٽيءَ تي ان جي پاسن کان ٿاٻڙجي رهيو هجي ته اهو ماڻهو پنهنجو پاڻ کي ڪيترو نه خطري ۽ بربادي‌ءَ ۾ وجهي رهيو آهي. ان کي گهرجي ته جبل جي وچ واري پاڱي تي اچي وڃي، تڏهن ئي هو خطري مان نڪري سگهي ٿو.
- جيئن ساهه هر وقت اچي ۽ وڃي ٿو ۽ رت هر وقت جسم ۾ ڊوڙي ٿو، اهڙي طرح اسلام به اسان جي سموري زندگيءَ ۾ شامل ٿي ڊوڙڻ گهرجي. ڇو ته جيئن جسم جي ڪنهن پاڱي ۾ رت نه پهچي ته اهو پاڱو سُن ٿي ويندو آهي، بلڪل ايئن ئي زندگيءَ جي ڪنهن پاڱي ۾ اسلام نه ايندو سو پاڱو به سُن ويندو ۽ آخرت ۾ حسرت ۽ ارمان جو سبب بڻبو.
- اهڙا ماڻهو جيڪي دين ۾ ٿاٻڙجندي زندگي گذارين ٿا، تن کي سڌي واٽ وٺائڻ ڪنهن به انسان جي وس ۾ نه آهي. هدايت جو دارومدار رڳو انسان جي پنهنجي گهُر ۽ ڪوشش تي هوندو آهي. جيڪڏهن ان جي نيت سچي هوندي ۽ اهو حق جو طلبگار هوندو ۽ الله تعالى جي واٽ ۾ هلڻ جي ڪوشش ڪندڙ هوندو ته الله تعالى به ان کي پنهنجي طرفان نيڪيءَ جي ۽ دين تي هلڻ جي توفيق عطا ڪندو ۽ حق واري واٽ تي هلڻ جا سبب ان لاءِ آسانيءَ سان مهيا ڪندو.
- ان جي برعڪس جيڪو پاڻ ئي پنهنجي لاءِ گمراهي پسند ڪري ٿو ۽ باطل رستن تي هلڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ته الله تعالى ان مٿان هدايت جا دروازا بند ڪري ڇڏي ٿو ۽ ساڳي ئي گمراهيءَ جون واٽون ان لاءِ کوليون وڃن ٿيون، جن کي ان پنهنجي لاءِ پاڻ چونڊيو آهي. اهڙي ماڻهوءَ کي غلط سوچڻ، غلط ڪم ڪرڻ ۽ غلط واٽن تي پنهنجي سگهه استعمال ڪرڻ کان بچائڻ، ڪنهن جي وس ۾ نٿو رهي.

چوٿين آيت

وَمِنَ النَّاسِ مَن يَعْبُدُ اللَّهَ عَلَىٰ حَرْفٍ فَإِنْ أَصَابَهُ خَيْرٌ اطْمَأَنَّ بِهِ وَإِنْ أَصَابَتْهُ فِتْنَةٌ انقَلَبَ عَلَىٰ وَجْهِهِ خَسِرَ الدُّنْيَا وَالْآخِرَةَ ذَٰلِكَ هُوَ الْخُسْرَانُ الْمُبِينُ ﴿الحج: 11﴾

“۽ ماڻهن مان ڪو اهڙو آهي جو الله جي عبادت ڪنڌيءَ تي بيهي ڪندو آهي، پوءِ جيڪڏهن ڪيس ڪو نفعو پهچندو آهي ته اُن (عبادت) سان آرامي ٿيندو آهي ۽ جيڪڏهن ڪيس ڪو ڏک پهچندو آهي ته پنهنجي مُنهن ڀر ڦرندو آهي، (اُن پنهنجي) دُنيا ۽ آخرت وڃائي ڇڏي، اهوئي پڌرو نقصان آهي.”

هتي لفظ “حرف” جي ڳالهه ڪئي وئي آهي. ان جو مطلب “ڪنڌي” آهي، يعني ڪنڌيءَ تي بيٺل انهن ڪمزور ايمان وارن ماڻهن جي ڳالهه ڪئي پئي وڃي جيڪي اسلام کي انهيءَ شرط سان قبوليندا آهن ته انهن کان دين ڪنهن قرباني، جهد ۽ جاکوڙ ۽ ڪشالي جي گهُر نه ڪري. جيڪڏهن اهي دين تي عمل ڪن ته اهو به پنهنجي خواهشن پٺاندڙ؛ جنهن ۾ دنيا جا جائز ناجائز مزا به پورا ٿين ۽ مسلمانيءَ جو ڀرم به قائم رهي پر الله کي اهو طريقو پسند ڪونهي. هن آيت جي شان نزول ۾ هڪ ماڻهوءَ جو واقعو بيان ڪيو ويندو آهي ته:

- “هڪ ماڻهو مديني اچي ها، جيڪڏهن هن کي ٻار ٻچا جهجها ٿين ها، اهڙي طرح جانورن ۾ به برڪت ٿئي ها ته چوي ها ته هي دين ڀلو آهي. پر جيڪڏهن ائين نه ٿئي ها ته چوي ها ته هيءُ دين برو آهي.” (بخاري)
- ڪنڌيءَ تي بيهڻ وارو انسان هڪ جاءِ تي ٽڪيل نه هوندو آهي، يعني ان کي آرام ۽ سڪون نه هوندو آهي. اهڙي طرح جيڪو ماڻهو دين جي باري ۾ شڪ شبهن ۽ ٻڌتر (confusion) جو شڪار هوندو آهي ان جو به ساڳيو ئي حال هوندو آهي. ان کي دين تي ٽڪاءُ نصيب ناهي ٿيندو، ڇو جو ان جي نيت رڳو دنياوي مفادن تي هوندي آهي. جيڪڏهن دين جي واٽ ۾ ان کي فائدا ملندا رهن ته ٺيڪ آهي، نه ته هو ڀيهر شرڪ ۽ ڪفر ڏانهن موٽي ويندو آهي. ان جي برخلاف جيڪو سچو مسلمان هوندو آهي اهو ايمان ۽ يقين ۾ پڪو هجڻ سبب ڏک هجي يا سک، هر حال ۾ دين تي قائم رهندو آهي.
- جيئن رسول الله ﷺ جن فرمايو: “مومن (جي زندگي گذارڻ) جو انداز به ڪيڏو نه نرالو آهي. جنهن به حال ۾ هجي ان لاءِ ڀلائي ئي ڀلائي آهي. جيڪڏهن هو ڏک، بيماري ۽ بدحاليءَ جو شڪار هوندو آهي ته ان کي سڪون سان سهندو آهي ۽ اها آزمائش ان جي حق ۾

ڀلائيءَ جو سبب بڻبي آهي ۽ جيڪڏهن ان کي سک ۽ خوشحالي نصيب ٿيندي آهي ته هو شڪر ڪندو آهي ۽ اها خوشحالي ان جي لاءِ ڀلائيءَ جو سبب بڻبي آهي. هيءَ ڳالهه مومن کان سواءِ ٻيو ڪنهن کي نصيب نه ٿيندي آهي.” (مسلم)

اڄ مسلمان گهڻي ڀاڱي دين جي ڪنڌيءَ تي بيٺا آهن ۽ قرآن جو اهو حصو ونڻ گهرن ٿا جنهن سان انهن جي فائدن ۾ رڪاوٽ پيدا نه ٿئي. ياد رکو ته ڪنڌيءَ پر رهڻ سان اهڙا ماڻهو ڪڏهن به امن ۽ حفاظت ۾ اچي نه سگهندا.

هن آيت ۾ انهن ماڻهن جو ذڪر آهي جيڪي قانوني طور تي مسلمان ته آهن، پر پنهنجي زندگيءَ ۾ وقتي مسلمان (part time muslim) آهن. جيستائين نعمتون، مال ۽ دولت ملندو رهي تيستائين راضي. عبادتون ۽ حڪم ايترو مڃيندا آهن جيترو انهن جي دنيا بڻيل ۽ سنواريل رهندي. دين جون اهي ڳالهيون جيڪي معاشري جي خلاف هجن انهن کي ڇڏي ڏيندا، پر معاشري کي نه ڇڏيندا. جيڪي ڳالهيون اسلام جون چڱيون لڳيون سي مڃيون ۽ جيڪي چڱيون نه لڳيون تن کي ڇڏي ڏنو.

اهي ماڻهن اصل ۾ ٻن ٻيڙين جا سوار آهن. اهڙا ماڻهو سدائين ڪنڌيءَ تي ويهي دين تي عمل ڪندا آهن. سدائين خوف، بيقراري ۽ پريشانيءَ جو شڪار هوندا آهن، جڏهن ته سلامتي ۽ امن ته ملندو ئي اسلام ۾ پوريءَ طرح سان داخل ٿيڻ کان پوءِ آهي.

اهڙا ماڻهو ڏڪئي وقت ۾ دين کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ کان به ڪيٻائيندا ناهن ته “دين اسان کي ڇا ڏنو؟” دين جا جيڪي حڪم نه وڻندا ته چوندا “سائين، اهي ته رڳو مُلن جون ڳالهيون آهن.” (نعوذبالله) دين تي عمل سبب جيڪڏهن انهن جي دنيا چمڪي رهي آهي، ماڻهو خوش آهن، معاشري ۾ عزت آهي ته اهي به انهن شرطن سان الله تعالى کان خوش ۽ دين کان راضي رهندا آهن. ڪشالي، هجرت ۽ جهد ۽ جاکوڙ جا لفظ انهن لاءِ انتهائي اڻوڻندڙ هوندا آهن.

- مثال طور جيڪڏهن ڪو ماڻهو پهريون ڀيرو پيزا (Pizza) کائي رهيو هجي ۽ ان کي رڳو ڪنيءَ وارو پاسو (edge portion) ڏنو وڃي ته ڇا هو پيزا جي اصل ذائقي کي محسوس ڪري سگهندو؟ هو ته اهو ئي چوندو ته پيزا تمام خشڪ ۽ سخت هوندو آهي. جيستائين هو ان جي وچ وارو ڀاڱو نه کائيندو جيڪو تمام ئي نرم ۽ ذائقيدار هوندو آهي، تيستائين هو پيزا جي اصل ذائقي کي محسوس ئي نٿو ڪري سگهي.

بلڪل ايئن ئي ڪنڌيءَ تي بيٺل ماڻهوءَ کي به دين ايئن ئي پڪو، خشڪ ۾ کهرو لڳندو. انهن کي تـه خـبر ئي نـه آهي تـه دين ۾ داخل ٿيڻ سان ئي ماڻهو اطمينان، ذهني سلامتي، امن، ايمان، آرام ۾ دين جي نـرمي ۾ ان جـو اصـل مـزو محسـوس ڪنــدو آهي. ڪنــاري تي رهڻ ســان جــتي مســلمان دين جي لطــف ڪــان محــروم رهي ٿــو اتي هــو پنهنجــو پــاڻ کي عــدم سلامتيءَ جي خطري ۾ وجهي رهيو هوندو آهي. ڇوته لاديـنيت جي بي لغام ۾ ڇـڙواڳ زنـدگي انسـانن جي لاءِ پريشـانين جـا الائي ڪيترا روڳ پيدا ڪري ڇڏيندي آهي. سڀ ڪان اهم ڳالهه جيڪا شيخ اياز چئي هئي ته “الله جيڪڏهن تنهنجي زنـدگيءَ ۾ ناهي ته پوءِ توکان وڌيڪ ڪو ڇورو ڇنو ئي ڪونهي.”

ڪنڌيءَ تي پاسيرو ٿي رهڻ منافقت جي بــه نشــاني آهي، ڇو جو منافق ته اهــو ئي هونــدو آهي جيڪــو دين ۾ داخــل ٿيڻ توڙي ٻاهر نڪرڻ جا رستا کـولي رکي. انهن جــو تــه ڇــوڻ ئي اهو هوندو آهي ته دين ۾ دنيـا کي گـڏ گـڏ ڪـٽي هلـو. دنيـا جي قرباني نه ڏيو، آخرت برباد ٿئي ته ڀلي ٿئي! دين تي هلڻ انهن کي انتها پسندي (extremism) لڳندي آهي. جڏهن ته اســلام تــه تمــام وچــٿرو دين آهي جيڪــو اســان کي وچــٿري واٽ وٺڻ سيکاري ٿو.

آسان لفظن ۾ اسان هيئن چئي سگهون ٿا ته “حرف” وارا ماڻهو يعني ڪنڌيءَ تي بيٺــو رهڻ وارا مــاڻهو اصــل ۾ دين جي ســکين ڏينهن جــا ســنگتي (fair weather friends) هونــدا آهن. انهن جون زندگيون دين کان وڌيڪ پنهنجي خوشين سان لاڳاپيل هونديون آهن. جيڪڏهن سنت تي عمل ڪندي يا پــردو ڪنــدي کــو چڱــو رشــتو اچي ويــو تــه ڏاڍو خــوش ٿينــدا پــر جيڪڏهن امتحان جي گهڙي مثــان اچي وئي ۾ دين تي زنــدگي گذارڻ سبب اڳ ۾ طئي ٿيل رشتو ٽٽي پيــو، يــا معاشــري کــان ڪٽجي ويو، يا ماڻهن ٺٺول ڪــئي تــه منهن تي گهنج اچي وينــدا اٿن. مصيبت جي ايندي ئي ســپ کــان پهريــان دين جــو ســودو ڪري وٺنـدا آهن يـا ان کي بنهــه ڇــڏي ڏينــدا آهن يــا وري دين کان بيزاريءَ جو اظهار ڪندا آهن.

اصل ۾ انهن جي زندگيءَ جو ڪو اوچــو مقصــد نــه هونــدو آهي جنهن ڪري رڳو گمان (foresee) ئي ڪندا رهندا آهن ته “حالتون ڪهڙي پاسي وڃن ٿيـون”، يعــني حــالتن کي ڏســندي پنهنجا خيال به بدلائيندا رهندا آهن. دين تي هلڻ انهن کي تمام ڏکيــو لڳنــدو آهي. اهي گهرنــدا آهن تــه پنهنجي مرضــيءَ واري زندگي جيئن ۾ بنا ڪنهن تڪليــف جي جنت ۾ داخــل ٿي وڃن. جڏهن ته اسلام ته user friendly آهي. پر ڪهڙن ماڻهن لاءِ؟ انهن لاءِ جيڪي اسلام تي پوريءَ طرح سان عمل ڪن ٿا.

ياد رکو، اسلام کي پوئتي ڇڏي ڏيڻ وارو الله تعالى ۽ ماڻهن، ٻنهي جي نظرن ۾ ڪري پوندو آهي ۽ پاڻ سان گڏ ڏهن ٻين ماڻهن کي به گمراهه ڪري ڇڏڻ جو جاري رهندڙ گناهه پنهنجي سر تي کڻندو آهي.

- جيئن حديث ۾ اچي ٿو: معاويهؓ امان عائشهؓ جي خدمت ۾ خط لکيو جنهن ۾ هن درخواست ڪئي ته توهان جامع پر ٿورن لفظن ۾ ڪا وصيت لکي موڪليو. عائشهؓ جواب ۾ لکيو: "توهان تي سلامتي هجي. اما بعد (ان کان پوءِ)! مون رسول اللهﷺ کي فرمائيندي ٻڌو آهي: "جيڪي ماڻهو الله تعالى جي راضپي جا گهُرجائو هجن ۽ انهيءَ باري ۾ ماڻهن جي ناراضگيءَ جي پرواهه نه ڪن ته الله تعالى اهڙن ماڻهن جي پوري مدد فرمائيندو آهي ۽ انسانن جي ناراضگيءَ سان انهن کي ڪو نقصان ٿيڻ ناهي ڏيندو ۽ جيڪي ماڻهو الله تعالى کي ناراض ڪري ماڻهن کي خوش ڪرڻ گهرندا آهن ته الله تعالى (انهن تان) پنهنجي مدد جو هٿ کڻي ڇڏيندو آهي ۽ انهن کي انسانن جي حوالي ڪري ڇڏيندو آهي. والسلام عليڪ." (ترمذي)

آخر ۾ نتيجو اهو ٿيندو آهي جو اهڙا ماڻهو الله تعالى جي مدد کان به محروم ٿي ويندا آهن ۽ جن کي خوش ڪرڻ لاءِ الله تعالى کي ناراض ڪيو هو، انهن وٽان به مدد نه ملندي اٿن.

تَــتُ

انهن سمورين ڳالهين مان اسان هي سمجهيو ته اسلام اسان کان هڪ گهُر ڪري رهيو آهي ته: “اي ايمان وارؤ! اسلام ۾ اڻپورا نه پر پورا پورا داخل ٿي وڃو. يعني توهان جو وجود، توهان جي زندگي، توهان جي عبادت، توهان جي ڏيتي ليتي، توهان جي رهڻي ڪهڻي، توهان جا اخلاق، توهان جون سوچون ۾ توهان جا نظريا، مطلب ته توهان جي زندگيءَ جو هر عمل اسلام جي اندر داخل ٿيڻ گهرجي.

اها ئي اُها شيءِ آهي جنهن سان حقيقت ۾ اسلام پکڙيو آهي. اسلام رڳو تبليغ سان نه پر مسلمانن جي عمدي ڪردار ۾ اسلام موجب گذاريل زندگيءَ جي روش سبب پکڙيو آهي.

اڄ اسان کي به اهو ئي پڪو ارادو ڪرڻ جي ضرورت آهي ته اسان پنهنجي زندگين ۾ اڻپوري، اڌوري، موروثي اسلام کي نه، پر ان جي سچي روح کي ۾ پوري اسلام کي زندگيءَ جي هر معاملي ۾ نافذ ڪنداسين. (انشاءَ الله!)

اسلام: قرآني آيتن جي روشنيءَ ۾

... فَإِلَٰهُكُمْ إِلَٰهٌ وَاحِدٌ فَلَهُ أَسْلِمُوا... ﴿الحج: 34﴾

“...پوءِ اوهان جو معبود هڪ خُدا آهي تنهن ڪري سندس حُڪم مڃيو...”

وَمَنْ أَحْسَنُ دِينًا مِّمَّنْ أَسْلَمَ وَجْهَهُ لِلَّهِ وَهُوَ مُحْسِنٌ وَاتَّبَعَ مِلَّةَ إِبْرَاهِيمَ حَنِيفًا وَاتَّخَذَ اللَّهُ إِبْرَاهِيمَ خَلِيلًا ﴿النساء: 125﴾

“۽ دين جي ڪري انهيءَ کان وڌيڪ چڱو ڪير آهي؟ جنهن پنهنجو مُنهن (سر) الله لاءِ نوايو ۽ اُهو چڱائي ڪندڙ آهي ۽ ابراهيم حنيف (هڪ طرفي) دين جي پيروي ڪئي اٿس ۽ الله ابراهيم کي پنهنجو خاص دوست بڻايو هو.”

وَمَن يَبْتَغِ غَيْرَ الْإِسْلَامِ دِينًا فَلَن يُقْبَلَ مِنْهُ وَهُوَ فِي الْآخِرَةِ مِنَ الْخَاسِرِينَ

﴿آل‌عمران:85﴾

“۽ جيڪو اسلام ڌاران ٻيو دين طلبيندو تنهن کان اُهو ڪڏهن نه قبول ڪبو، ۽ اهو آخرت ۾ ڇيهي وارن مان آهي.”

إِنَّ الدِّينَ عِندَ اللَّهِ الْإِسْلَامُ ... ﴿آل‌عمران: 19﴾

“بيشڪ، پسند پيل دين الله وَٽ اِسلام آهي.”

فَمَن يُرِدِ اللَّهُ أَن يَهْدِيَهُ يَشْرَحْ صَدْرَهُ لِلْإِسْلَامِ وَمَن يُرِدْ

أَن يُضِلَّهُ يَجْعَلْ صَدْرَهُ ضَيِّقًا حَرَجًا كَأَنَّمَا يَصَّعَّدُ فِي السَّمَاءِ كَذَٰلِكَ يَجْعَلُ اللَّهُ الرِّجْسَ عَلَى الَّذِينَ لَا يُؤْمِنُونَ الأنعام: 125

“پوءِ الله جنهن کي (ان جي تلاش جي نتيجي ۾) گهرندو آهي ته هدايت ڪري، تنهن جو سينو اسلام لاءِ کولي ڇڏيندو آهي ۽ جنهن کي (ان جي بي رخيءَ جي نتيجي ۾) ڀلائڻ گهرندو آهي تنهن جي سيني کي (ان سلامتيءَ واري نظام جي باري ۾) اهڙو سخت سوڙهو ڪندو آهي جو ڄڻڪ آسمان تي چڙهڻ وانگر مشڪل آهي. اهڙن منڪرن جي مثان (مفاد پرستين جي) پليتي رکي ڇڏيندو آهي.”

أَفَمَن شَرَحَ اللَّهُ صَدْرَهُ لِلْإِسْلَامِ فَهُوَ عَلَىٰ نُورٍ مِّن رَّبِّهِ فَوَيْلٌ لِّلْقَاسِيَةِ قُلُوبُهُم مِّن ذِكْرِ اللَّهِ أُولَٰئِكَ فِي ضَلَالٍ مُّبِينٍ الزمر: 22

“ڀلا جنهن جو سينو (دين) اسلام لاءِ الله کوليو آهي ۽ اهو پنهنجي پالڻهار جي (نُور جي سوجهري) تي هجي (سو سخت دل وارن ڪافرن جهڙو ٿيندو ڇا؟)، پوءِ اُنهن لاءِ ويل آهي جن جون دليون الله جي ياد ڪرڻ کان سخت (ٿيون) آهن، اِهي پڌري گمراهيءَ ۾ آهن.”

يَمُنُّونَ عَلَيْكَ أَنْ أَسْلَمُوا قُل لَّا تَمُنُّوا عَلَيَّ إِسْلَامَكُم بَلِ اللَّهُ يَمُنُّ عَلَيْكُمْ أَنْ هَدَاكُمْ لِلْإِيمَانِ إِن كُنتُمْ صَادِقِينَ الحجرات: 17

“(اي پيغمبر) اسلام آڻڻ جو توتي احسان رکندا آهن، چوين ته مون تي پنهنجي اسلام (آڻڻ) جو احسان نه رکو، بلڪ اوهان تي الله احسان رکندو آهي جو اوهان کي ايمان جي هدايت ڪيائين، جيڪڏهن سچا آهيو.”

...وَرَضِيتُ لَكُمُ الْإِسْلَامَ دِينًا... المائدة: 3

“...۽ مون توهان جي لاءِ اسلام کي دين جي حيثيت ۾ پسند ڪيو آهي...”

...قُلْ إِنِّي أُمِرْتُ أَنْ أَكُونَ أَوَّلَ مَنْ أَسْلَمَ وَلَا تَكُونَنَّ مِنَ الْمُشْرِكِينَ الأنعام: 14

“... چؤ ته مون کي حُڪم ڏنو ويو ته پهريون مسلمان آءٌ هجان ۽ (فرمايو ويو ته) تون مشرڪن مان مُور نه هج.”

... هُوَ سَمَّاكُمُ الْمُسْلِمِينَ مِن قَبْلُ وَفِي هَٰذَا... الحج: 78

“...الله اوهان جو نالو هن کان اڳ ۾ هن (قرآن) ۾ مسلمان رکيو آهي...”

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا اتَّقُوا اللَّهَ حَقَّ تُقَاتِهِ وَلَا تَمُوتُنَّ إِلَّا وَأَنتُم مُّسْلِمُونَ ﴿آل‌عمران: 102﴾

“اي مؤمنؤ، الله کان (ائين) ڊڄو جيئن کانئس ڊڄڻ جو حق آهي ۽ اوهين مسلمان هجڻ کانسواءِ نه مرجو.”

مَا كَانَ إِبْرَاهِيمُ يَهُودِيًّا وَلَا نَصْرَانِيًّا وَلَٰكِن كَانَ حَنِيفًا مُّسْلِمًا وَمَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِينَ ﴿آل‌عمران: 67﴾

“ابراهيم نه کو يهودي هو ۽ نه ڪِي نصراني پر حَنيف (هڪ طرفو) مُسلمان هو ۽ مُشرڪن مان نه هو.”

رَبَّنَا وَاجْعَلْنَا مُسْلِمَيْنِ لَكَ وَمِن ذُرِّيَّتِنَا أُمَّةً مُّسْلِمَةً لَّكَ... ﴿البقرة: 128﴾

“۽ اسان جا پالڻهار اسان کي پنهنجو فرمانبردار ڪر ۽ اسان جي اولاد مان (به) هڪ ٽوليءَ کي پيدا ڪر جيڪا تنهنجي فرمانبردارهجي....”

...يَا بَنِيَّ إِنَّ اللَّهَ اصْطَفَىٰ لَكُمُ الدِّينَ فَلَا تَمُوتُنَّ إِلَّا وَأَنتُم مُّسْلِمُونَ ﴿البقرة: 132﴾

“... اي اسانجا اولاد (هن) دين کي الله اوهان لاءِ چونڊيو آهي، پوءِ اوهين مسلمان هجڻ کانسواءِ نه مرجو.”

دين اسلام ۽ ڪامل ايمان جي حوالي سان چونڊ حديثون

ايمان جي پرک

عبدالله بن عمر؄ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: “ڪو به ماڻهو ان وقت تائين مؤمن نٿو ٿي سگهي جيستائين ان جو ارادو ۽ ان جي نفس جو لاڙو منهنجي آندل هدايت جي اڳيان فرمانبردار نه بڻجي وڃي.” (مشڪواة)

ڪامل ايمان جي نشاني

ابوامامه؄ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: “جنهن الله لاءِ دوستي ڪئي ۽ الله لاءِ دشمني ڪئي ۽ الله لاءِ ڏنو ۽ الله لاءِ روڪي ڇڏيو، تنهن پنهنجو ايمان مڪمل ڪري ورتو.” (بخاري)

ايمان جو لطف

عباس؄ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو: “ايمان جو لطف اهو ماڻهو چکندو جيڪو الله کي پنهنجو پالڻهار مڃڻ،

اسلام کي پنهنجو دين مڃڻ ۽ رسول اللهﷺ کي پنهنجو رسول مڃڻ تي راضي ٿي ويو.” (بخاري ۽ مسلم)

دين اسلام تي ثابت قدمي

سفيان بن عبداللهؓ فرمائي ٿو ته مون رسول اللهﷺ کان پڇيو: “اسلام جي سلسلي ۾ اهڙي جامع ڳالهه مون کي ٻڌايو جو ان کان پوءِ پيو ڪنهن کان ڪجهه پڇڻ جي ضرورت ئي نه پوي.” پاڻﷺ فرمايو: “اٰمَنْتُ بِاللهِ چئو ۽ پوءِ ان تي ڄمي بيهه.” (مسلم)

دين تي ثابت قدم رهڻ وارن لاءِ خوشخبري

مقدادؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ فرمايو: “بيشڪ، خوشنصيب اهو آهي جيڪو فتنن کان محفوظ رهيو. هيءَ ڳالهه پاڻ سڳورنﷺ ٽي ڀيرا ورجائي. (وڌيڪ فرمايائون) پر جيڪو آزمائش ۽ امتحان ۾ وڌو ويو ۽ پوءِ به حق تي ڄمي بيهي رهيو ته اهڙي ماڻهوءَ جي ڇا ڳالهه ڪجي، اهڙي ماڻهوءَ ڪي ڄَسُ آهي.” (ابوداؤد)

ايمان جي گهُر

معاذ بن جبلؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ فرمايو: “الله تعالى جي فرمانبرداريءَ ۾ مري وڃڻ انهيءَ زندگيءَ کان ڀلو آهي جيڪا الله تعالى جي نافرماني ۾ گذري.” (طبراني)

اسلام جي لاءِ سينو کُلڻ جي نشاني

عبدالله بن مسعودؓ فرمائي ٿو ته رسول اللهﷺ سورة الانعام جي آيت (125) پڙهي: “جنهن کي الله هدايت ڏيڻ جو فيصلو ڪندو آهي ته ان جي سيني کي اسلام لاءِ کولیندو آهي.” هيءَ آيت پڙهڻ کان پوءِ رسول اللهﷺ فرمايو: “جڏهن نور سيني ۾ داخل ٿيندو آهي ته سينو کُلي ويندو آهي. ماڻهن پڇيو ته ”اي الله جا رسولﷺ! ان جي ڪا خاص نشاني به آهي جنهن سان ان کي سڃاڻي سگهجي؟” پاڻﷺ فرمايو: “هائو! ان جي خاص سڃاڻ هيءَ آهي ته: (1) ماڻهوءَ جي دل هن دنيا جي ڪشش کان آجي ٿي ويندي آهي. (2) هميشه رهڻ واري گهر لاءِ ماندو ٿي ويندو آهي. (3) موت جي اچڻ کان اڳ ئي هو (نيڪ عملين ذريعي) موت جي تياري ۾ لڳي ويندو آهي. (مشڪواة)

اسلام جو رستو ماڻڻ تي شڪر ۽ ان جو انعام

معاويهؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ پنهنجي اصحاب سڳورن جي هڪ جماعت وٽ آيا. اهي هڪ ڀِڙُ ناهي ويٺا هئا.

پاڻ سڳورن انهن کان پڇيو: “توهان هتي ڇو ويٺا آهيو؟” ماڻهن جواب ڏنو: “اسان هتي ويهي الله تعالى کي ياد ڪري رهيا آهيون ان جو شڪر ادا ڪري رهيا آهيون ته هن اسان کي اسلام جي واٽ وڻائي ايئن اسان تي ٿورو ڪيو.” رسول الله جن پڇيو: “خدا جو قسم! ڇا توهان انهيءَ ڪم سان هتي ويٺا آهيو؟” ماڻهن چيو: “جي هائو.” پاڻ سڳورن فرمايو: “مان توهان کان قسم ان لاءِ ڪونه کڻايو ته توهان کي ڪوڙو سمجهان پيو، پر (ڳالهه هيءَ آهي ته) جبرائيل هينئر هينئر مون وٽ آيو هن مون کي ٻڌايو ته الله تعالى ملائڪن جي مجلس ۾ توهان تي فخر ڪري رهيو آهي.” (مسلم)

صحيح ايمان

انس بن مالڪ کان روايت آهي ته رسول الله جن فرمايو: “ڪنهن به ماڻهوءَ جو ايمان تيستائين صحيح نٿو ٿي سگهي جيستائين جو ان جي دل صحيح نه ٿي وڃي ان جي دل صحيح نٿي ٿي سگهي جيستائين جو ان جي زبان صحيح نه ٿي وڃي ڪو به ماڻهو جنت ۾ تيستائين داخل نه ٿيندو جيستائين جو ان جو پاڙيسري ان جي بڇڙائيءَ کان محفوظ نه هجي.” (مسند احمد)

ايمان جو تت

انس بن مالڪ کان روايت آهي ته رسول الله فرمايو: “هي ٽي ڳالهيون جنهن ۾ به هجن اهو ايمان جو لطف (مزو) ماڻيندو: (1) الله تعالى ان جو رسول ان لاءِ سمورن ماڻهن کان وڌيڪ پيارو هجي. (2) جنهن سان به محبت ڪري ته رڳو الله تعالى جي لاءِ محبت ڪري. (3) ڪفر ۾ موٽي وڃڻ کي ايئن بڇڙو سمجهندو هجي جيئن باهه ۾ وڌو وڃڻ کي بڇڙو سمجهي ٿو.” (مسلم)

دين ڇا جو نالو آهي؟

رسول الله فرمايو: “دين خيرخواهيءَ جو نالو آهي” پڇيو ويو ته ڪنهن جي لاءِ؟ فرمايو: “الله جي (راضپي) لاءِ، ان جي ڪتاب (تي عمل) لاءِ ان جي رسول (جي تابعداري) لاءِ، مسلمانن جي حڪمرانن عام ماڻهن (سان ڀلاين) جي لاءِ.” (مسلم)

پياري دين جو ڪم

عائشه کان روايت آهي ته رسول الله فرمايو: “الله تعالى وٽ سڀ کان وڌيڪ پيارو اهو دين (جو ڪم) آهي جنهن تي ان جو ڪرڻ وارو سدائين قائم رهي.” (مسلم)

ڪهڙو اسلام ڀلو آهي؟

عبدالله بن عمروؓ کان روايت آهي ته هڪ ماڻهو رسول اللهﷺ کان پڇيو: “ڪهڙو اسلام ڀلو آهي؟” پاڻ سڳورنﷺ فرمايو: “کاڌو کارايو ۽ سلام ڪريو (ان کي) جنهن کي سڃاڻندا هجو يا نه سڃاڻندا هجو.” (مسلم)

اسلام جي خاص ڳالهه

ابو سعيد خدريؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ فرمايو: “جڏهن ماڻهو مسلمان ٿي ويندو آهي ۽ ان جو اسلام ڀلو (۽ سگهارو) ٿي ويندو آهي ته الله تعالى ان جي سمورن گناهن کي، جيڪي هن کان ٿي ويا، معاف ڪري ڇڏيندو آهي. ان کان پوءِ ان کي نيڪيءَ جو بدلو ان جي ڏهوڻ کان ست سئوڻ تائين ۽ برائيءَ جو انهيءَ هڪڙي برائي جيترو ملندو آهي يا هي ته الله ان کي (به) معاف ڪري ڇڏي.” (بخاري ۽ مسلم)

بي دين ڪير؟

رسول اللهﷺ فرمايو: “جيڪو ماڻهو امانتدار نه آهي ان ۾ ڪجهه به ايمان نه آهي ۽ جيڪو واعدي جي پاسداري نٿو ڪري ان جو ڪوبه دين نه آهي.” (ابن حبان)

اوپرو اسلام

عمرو بن عوفؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ فرمايو: “دين اسلام پنهنجي شروع ۾ ماڻهن جي لاءِ اوپرو هو ۽ جلد ئي هي ڦيهر ان وانگر اوپرو بڻجي ويندو. سو انهن اوپرن لاءِ خوشخبري آهي، جيڪي مون کان پوءِ منهنجي طريقن کي، جنهن کي ماڻهن بگاڙي ڇڏيو هوندو، زنده ڪرڻ لاءِ اٿندا.” (مشڪواة)

دين جي ڄاڻ - جنت جي واٽ

ابوهريرهؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ فرمايو: “جيڪو ماڻهو دين جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ سفر ڪري ته الله تعالى ان لاءِ جنت جي واٽ آسان ڪري ڇڏيندو.” (مسلم)

دين جا محافظ

معاويهؓ کان روايت آهي ته رسول اللهﷺ فرمايو: “منهنجي امت ۾ سدائين هڪ ٽولو موجود رهندو جيڪو الله تعالى جي دين جو محافظ رهندو، جيڪي ماڻهو انهن جو ساٿ نه ڏيندا ۽ انهن جي مخالفت ڪندا سي انهن کي تباهه ڪري نه سگهندا، ايستائين جو الله تعالى جو فيصلو اچي ويندو ۽ هي دين جا محافظ پنهنجي انهيءَ ئي حالت تي قائم رهندا.” (بخاري ۽

مسلم)

دوست جو دين

رسـول الله□ فرمـايو: “مـاڻهو پنهنجي دوسـت جي دين □ اخلاق تي هوندو آهي، ان ڪري توهان مان هر هڪ کي ڏسـڻ گهرجي ته هو ڪنهن سان دوستي ڪري رهيو آهي.” (ترمذي)

ايمان آڻڻ جو شرط

رسـول الله□ فرمـايو: “جيڪـو مـاڻهو اللـه □ آخـرت جي ڏينهن تي ايمـان رکنـدو هجي، ان کي گهـرجي تـه رشـتن کي نڀائي.”

دين □ بدعتن کان بچو

رسول الله□ فرمايو: “توهان مان جيڪو مـاڻهو مـون کـان پوءِ جيئرو رهيو سو گهڻا اختلاف ڏسندو. خـبردار! دين □ نيـون نيون ايجـادون ڪـرڻ کـان بچجـو، ڇـو جـو اهـا گمـراهي آهي. جيڪڏهن توهان مان ڪو اهو زمانو ڏسي ته ان کي گهرجي ته منهنجي سنت □ خلفاءِ راشدين جي طـريقي کي لازمي طـرح سـان پڪـڙي. ان کي (ايئن سـوگهو جهلي بيهي جـيئن) ڏاڙهن سان سوگهو جهلي (بيهبو آهي).” (ترمذي)

اسلام جي سونهن

رسـول الله□ فرمـايو: “هيءَ بـه اسـلام جي سـونهن مـان آهي ته انهيءَ شـيءِ کي ڇـڏي ڏجي جيڪـا بي مقصـد هجي.” (ترمذي)

اسلام □ چڱو طريقو رائج ڪرڻ جو اجر

رسـول الله□ فرمـايو: “جيڪـو مـاڻهو اسـلام □ ڪـو چڱـو طريقو رائج ڪندو ته ان کي ان جو اجر ملندو □ جيڪي مـاڻهو انهيءَ چڱي طريقي تي اڳتي هلي عمل ڪندا ته انهن جو اجـر به ان کي ملندو، اهڙيءَ طـرح جـو ان نيڪ عمـل ڪـرڻ وارن جي اجـر □ بـه ڪـا ڪمي نـه ڪـئي وينـدي. □ جنهن اسـلام □ ڪنهن بري طـريقي کي جـاري ڪيـو تـه ان کي ان جـو گناهـه ملندو □ اڳتي هلي جيڪي ماڻهو انهيءَ بري طـريقي تي هلنـدا تن جو گناهه به هن جي اعمال نامي □ لکيـو وينـدو، ان طـرح جـو ان بـري طـريقي تي عمـل ڪـرڻ وارن جي گناهـه □ بـه ڪمي نه ڪئي ويندي.” (مسلم)

مومن جي سڃاڻ

ابوامامه□ کان روايت آهي ته هڪ ماڻهو رسول الله□ کـان سوال ڪيو: “ايمان ڇا آهي؟” پاڻ سـڳورن□ فرمـايو: “جـڏهن

توکي پنهنجي چڱي عمل سان خوشي ٿئي پنهنجي بري ڪم تي ڏک ٿئي ته تون مومن آهين.” (مستدرڪ حاڪم)

سادگي ايمان جو حصو آهي

ابو امامه فرمائي ٿو ته رسول الله جي اصحاب سڳورن هڪ ڏينهن پاڻ سڳورن جي سامهون دنيا جو ذڪر ڪيو ته رسول الله فرمايو: “غور سان ٻڌو، مون ڏانهن ڌيان ڏيو! پڪ سان سادگي ايمان جو حصو آهي، پڪ سان سادگي ايمان جو حصو آهي.” (ابوداؤد)

رڳو زباني اسلام ڪافي نه آهي

ابن عمر کان روايت آهي ته رسول الله جن منبر تي آيا وڏي آواز سان فرمايو: “اي اهي ماڻهؤ جن پنهنجي زبان سان اسلام آندو آهي! اڃا توهان جي دلين ايمان نه لٿو آهي. توهان مسلمانن کي نه ايذايو، نه انهن کي شرمسار ڪريو نه انهن جا عيب اگهاڙڻ جي ڪڍ پئو. جيڪي ماڻهو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جا عيب کولڻ جي ڪڍ لڳندا ته الله تعالى انهن جي عيبن جي ڪڍ لڳي پوندو جنهن ماڻهوءَ جي عيبن جي ڪڍ الله تعالى لڳي پوي ته ان کي خوار ڪري ڇڏيندو، پوءِ ڀلي چونه هو پنهنجي گهر جي اندر هجي.” (ترمذي)

مسلمان مومن

رسول الله فرمايو: “مسلمان اهو هوندو آهي جنهن جي هٿ يا زبان کان ٻيا مسلمان محفوظ رهن مومن اهو هوندو آهي جنهن جي طرفان ماڻهن کي پنهنجي جان مال جو امن هجي.” (مسند احمد)

جائزو

هاڻي آخر □ پنهنجو جائزو (Introspection) وٺو ته مان الله جي ڪتاب (قرآن) جي ڪهڙي ڀاڱي تي عمل ڪريان ٿو/ٿي □ ڪهڙي ڀاڱي جو انڪار ڪريان ٿو/ٿي.

قرآن جا اهي حڪم جن تي مان عمل ڪريان ٿو/ ڪريان ٿي		قرآن جا اهي حڪم جن تي مان عمل نٿو ڪريان/ نٿي ڪريان ٿي	
1		1	
2		2	
3		3	
4		4	
5		5	
6		6	
7		7	
8		8	
9		9	
10		10	
11		11	
12		12	
13		13	
14		14	
1		1	

5		5	

هنن ڪالمن کي توهان پاڻ پريو پوءِ اندازو لڳايو ته توهان جو قرآن تي عمل پورو آهي يا اڌورو؟ جي اڌورو آهي ته ان جي سببن کي جاچيو.

انڪار يا بي عمليءَ جا سبب

اسلامِ جي ضروري ڳالهين بابت انڪار يا بي عمليءَ جو ڇا سبب آهي (□) يا (□) سان نشاندهي ڪريو.

1	زندگيءَ کي سنجيده نه وٺڻ	12	غفلت يا بيپرواهي
2	لادينن جي پروپئگنده جو شڪار	13	معاشري کان ڪٽجي وڃڻ جو خوف
3	ضد.	14	الله تعالى تي ڀروسو
4	Peer pressure/ Social pressure جو شڪار	15	You only yong once You only live once وارو طرزِ عمل
5	هي خيال ته الله الائي ڪهڙين ڳالهين □ راضي؟	16	آخري عمر □ حج ڪري وٺنداسين
6	ماڻهن جو خوف	17	دين تي عمل ڏکيو ٿو لڳي
7	ڪِلَ ٽٺول جو خوف	18	دنيا جي محبت
8	ڪمزور ايمان	19	هيءَ سوچ ته مولوين ان کي ڏکيو بڻايو آهي
9	ارادي جي سگهه جي کوٽ	20	سياڻي ڏسنداسين
10	اجايو هوڏ	21	زندگيءَ جو ڪو مقصد مقرر ٿيل نه آهي
11	اُرهه زورائي	22	قرآن پڙهڻ لاءِ وقت ئي نه آهي

دين جي باري □ پنهنجي طرز عمل تي پڇتاءُ □ نظرثانيءَ جي ضرورت

پنهنجي مرضيءَ جي ڇڙواڳ زندگي يا ورثي □ مليل اڌوري مسلمانيءَ واري زندگي گذاريندي بي اطمينانيء، عدم سلامتي، ذهني پريشانيون، ويڳاڻپ، خطرن، حادثن □ نقصانن جي ڏبڻ □ قاٽل هئڻ جي ڪري اوهان کي جيڪڏهن پڇتاءُ آهي ته پوءِ انسانيت جي محسن پيغمبر حضرت محمد□ جي

آندل ڪتاب قـرآن مجيـد کي پنهنجي ٻـوليءَ ۾ تـرجمي سـان پڙهي سلامتي ۽ ڀلائي جي سڌي واٽ جا پانـڌيئڙا ٿيـو. پنهنجي شخصيت کي هڪ نئين زندگي عطا ڪيـو. اتي اوهـان لاءِ اللـه جي رحمتن جو جهان به آهي ته ان جي رضـا ۽ محبـوبيت جـو سامان به آهي. اوهان ان کي هيئنئن هندايو ته پوءِ ان جهــان ۾ داخـل ٿيڻ اوهـان لاءِ زنـدگيءَ جي سـڀ کـان وڏي ڪاميـابي هوندي.

پوري اسلام تي عمل ڪرڻ لاءِ مسنون دعائون

رَبَّنَا لَا تُزِغْ قُلُوبَنَا بَعْدَ إِذْ هَدَيْتَنَا وَهَبْ لَنَا مِن لَّدُنكَ رَحْمَةً إِنَّكَ أَنتَ الْوَهَّابُ ﴿آل‌عمران: 8﴾

“اي اسان جا پالڻهار! جڏهن تو اسان کي هدايت ڏني ته هاڻي اسان جي دلين کي نه ڦيراءِ ۽ پاڻ وٽان اسان کي خاص ٻاجهه عطا فرماءِ. بيشڪ تون تمام گهڻو عطا ڪندڙ آهين.”

رَبَّنَا أَفْرِغْ عَلَيْنَا صَبْرًا وَتَوَفَّنَا مُسْلِمِينَ ﴿الأعراف: 126﴾

“اي اسان جا پالڻهار! اسان جي مٿان صبر پلٽ ۽ اسان کي اسلام جي حالت ۾ ئي موت ڏي.”

رَضِيْتُ بِاللّٰہِ رَبًّا وَّبِالْاِسْلَامِ دِيْنًا وَّبِمُحَمَّدٍ نَبِيًّا (ابوداؤد)

“مان الله جي پالڻهار هئڻ تي، اسلام جي دين هئڻ تي ۽ محمد ﷺ جي نبي هئڻ تي راضي آهيان.” (ٽي ڀيرا صبح شام)

اَصْبَحْنَا عَلیٰ فِطْرَ الْاِسْلَامِ،وَعَلیٰ کَلِمَۃِ الْاِخْلَاصِ وَعَلیٰ دِيْنِ نَبِيِّنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلیٰ مِلَّۃِ اَبِيْنَا اِبْرَاہِيْمَ حَنِيْفاً مُّسْلِماً وَّمَاکَانَ مِنَ الْمُشْرِکِيْنَ (مسند احمد)

“اسان اسلام جي فطرت ۽ سچائيءَ واري ٻول ۽ پنهنجي نبي محمد ﷺ جي دين ۽ پنهنجي پيءُ ابراهيم جي دين تي صبح ڪيو جيڪو هڪ طرفو مسلمان هو ۽ هو مشرڪن مان نه هو.”

رَبَّنَا إِنَّنَا آمَنَّا فَاغْفِرْ لَنَا ذُنُوبَنَا وَقِنَا عَذَابَ النَّارِ ﴿آل‌عمران: 16﴾

“اي اسان جا پالڻهار! اسان ايمان آندو، اسان جي خطائن کي معاف فرماءِ ۽ اسان کي باهه جي عذاب کان بچاءِ.”

يَا مُقَلِّبَ الْقُلُوْبِ ثَبِّتْ قَلْبِی عَلٰی دِيْنِكَ (ترمذي)

“اي دلين کي ڦيريندڙ! منهنجي دل کي پنهنجي دين تي جمائي رک.”

اَللّٰهُمَّ اَلْهِمْنِیْ رُشْدِیْ وَاَعِذْنِیْ مِنْ شَرِّ نَفْسِیْ (ترمذي)

“اي الله! رشد ۽ هدايت منهنجي دل ۾ وجهي ڇڏ ۽ مون کي منهنجي نفس جي برائيءَ کان پنهنجي پناهه ۾ رک.”

(هن ڪتـــاب جو ليکڪ ابوالفضل نـــور احمد ميمڻ آهي، پـــاڻ حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ جو ڊائريڪٽر آهي.)